پاڪستان ۾ 2005ع جي زلزلي بابت خصوصي شمارو

# ملبي جي ڍير مان

# نئين زندگي

خواتین زیرِ اثر مسلم قوانین
Women living under muslim laws
النساء في ظل قوانين المسلمين
Femmes sous lois musulmanes

شرکت گاہ
ويمنز ريسورس سينٽر

سيئي حق شرڪت گاهہ وٽ محفوظ، 2006ع

ترجمو : الياس ٽري

ادارت : اعجاز ملڪ

ڊزائيننگ : محمد عاصم

مالي سهڪار : Royal Norvegian Embassy, NOVIB ۽ SDC

پرنٽر : افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي

پبلشر : شرڪت گاهہ ويمنز ريسورس سينٽر
P.O Box.13871 ڪراچي
P.O Box.1592 لاهور، پاڪستان

اي ميل : لاهور: pubs@sgah.org.pk
ڪراچي: shirkat@cyber.net.pk
پشاور: sgpes@psh.paknet.com.pk

ويب سائيٽ : www.shirkatgah.org

هن خصوصي شماري جي تياري جي سلسلي ۾ اسان الفيہ حسين، محمد احمد ۽ خاور ممتاز جا ٿورائتا آهيون.

## فهرست


**تعارف** 7

**ماضي جي تجربن مان سبق سکڻ** 15

انساني حقن جي فريم ورڪ ۾ بحاليءَ جو ڪم 17

بحراني حالتن ۾ عورتن ۽ ٻارن جي غير محفوظ ٿيڻ جي امڪانن ۾ گهٽتائي: سونامي سريلنڪا ۾ 29

آبادڪاريءَ نئين سر تعمير: هڪ مسلسل تناظر ۾ 33

**زلزلي ڪانپوءِ جي صورتحال جو ادراڪ** 35

فوري ضرورتن جو تعين: ڪيمپن مان اٿندڙ صدائون 37

عورتن خلاف تشدد: دٻيل حقيقتون 43

بي دخلي: غير محفوظ پناهگاهون 50

ماءُ جي صحت: نئين زندگي 55

ذريعہ معاش جو خاتمو: هڪ چونڊ جي ڳولها 58

**بحاليءَ جو رستو** 62

نئين زندگيءَ جي آس سان گڏ- جذباتي ۽ نفسياتي بحالي 64

غم ۽ مايوسيءَ ۾ ڦاٿل ماڻهن لاءِ سهاري جا ذريعا 70

خاندان کان ٻاهر سهاري جي ذريعن کي ڪتب آڻڻ جوڳو بنائڻ لاءِ استعمال ۾ آڻڻ 72

آفت ڪانپوءِ امداد جي ذريعي جي طور تي اسڪولن جي خصوصي اهميت 74

امدادي ڪارڪن ۽ رضاڪار بحالي جي عمل ۾ مدد ڪري سگهن ٿا 76

نفسياتي ماهر يا ذهني بيمارين جي ماهر ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ 77

آفت ڪانپوءِ جذباتي ۽ نفسياتي صحتيابيءَ لاءِ بنيادي حڪمت عمليون 78

## فهرست

امداد ڪارڪنن ڪي پنهنجي ڪمن ۾ مقامي آبادي کي ضرور شامل ڪرڻ گهرجي 81

اهي مشڪلاتون جن ڪي آفت سٽيل ماحول ۾ ڪم ڪندي امدادي ڪارڪن منهن ڏيندا آهن 86

مسئلا جن جي امدادي ڪارڪنن کي آفت کانپوءِ ڄاڻ هئڻ گهرجي 88

ڇو نہ آفت ۽ تباهيءَ کي تعمير ۽ بهتريءَ جو موقعو بڻائي ڇڏيون 92

## ضميمو-1

زلزلي متاثرن جي بحاليءَ لاءِ شرڪت گاهہ طرفان ڪيل ڪم جو خلاصو 95

Online





Online


Pakistan Earthquake (October 2005)
Prepared By:
VAM Unit WFP Pakistan
Epi Center
Distance from Epi Center
Motorway
Highways
Metelled Main
Metteled
Unmetelled
Tracks
Tehsil Population
Tehsil Name
Province Boundary
District Boundary
Tehsils



Online

زلزلي سبب سڀ ڪجهه تباهه ٿيڻ کان پوءِ مٽيءَ جي ڍير مان

# نئين زندگي

## تعارف

8 آڪٽومبر 2005 تي آيل ڀيانڪ زلزلو (جنهن جي ريڪٽر اسڪيل تي شدت 7.6 هئي) پاڪستان ۽ ڀارت کي الڳ ڪندڙ جابلو سلسلي کي ڌوڏي ڇڏيو. هيءَ تباهي ويجهي ماضيءَ ۾ ٿيندڙ ڀيانڪ تباهين مان هڪ هئي. هن زلزلي ۾ لڳ ڀڳ 86 هزار ماڻهو فوت ۽ هڪ لک کان وڌيڪ زخمي ٿيا. ڏهه هزار کان وڌيڪ ٻار يتيم ۽ لڳ ڀڳ 35 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. زلزلي کان جلد ئي پوءِ متاثر ٿيل ماڻهن جي بحاليءَ لاءِ ٿيندڙ ڪمن ڪارين آڏو ڏکيائين بابت گڏيل قومن جي ايمرجنسي رليف ڪوآرڊينيٽر جان ايگي لينڊ چيو ته اسان جي خيال ۾ سونامي طوفان وڏي پيماني تي تباهي آندي پر هي زلزلو ان کان به وڌيڪ نقصان ڏيندڙ هو. پاڪستان واري پاسي لائن آف ڪنٽرول تي ٿيندڙ تباهي تمام گهڻي هئي ۽ هن قيامت جو ڏيک ڏيندڙ زلزلي ڏورانهن علائقن کي ترقيءَ جي فائدن سان ڀرپور دنيا کان ڪٽي ڇڏيو. هي تباهي انهن علائقن ۾ وڌيڪ ٿي جيڪي علائقا گهٽ ترقي يافته هئا. ڪيترائي ماڻهو غربت جي لڪير ويجهو يا ان کان هيٺ زندگي گهاري رهيا هئا ۽ سندن گذر سفر جو دارومدار پاڪستان جي ڏورانهن شهري علائقن سان ۽ ملڪ کان ٻاهر مزدوريءَ تي هو. جيئن ئي تباهيءَ جي خبر ڦهلي ته سڄي ملڪ کان پاڪستاني عوام جو رد عمل ڏسڻ وٽان هو. ٻارن کان ويندي ڪاروباري ماڻهن گهريلو

عورت کان ويندي معروف گلوڪارائن تائين سيني ماڻهن نہ وسارڻ جهڙي مثالي مد د ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو. ٻي بيشمار سول سوسائٽيءَ جي تنظيمن وانگر شرڪت گاهہ وومنز رسورس سينٽر بہ هن ڏکئي وقت ۾ صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجون سرگرميون معطل ڪري جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي فار پيپلز رائيٽ (جيڪ) ۾ گڏجي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن سان هٿ ۾ هٿ ملايو . شرڪت گاهہ شروع ۾ بحالي وارين شيون ( جن ۾ خيما ،ڪپڙا، ڪمبل، ٻارن لاءِ ٻوتلون ،بسترا، ۽ سوڙون شامل هيون ) فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجوڪردار ادا ڪيو. هي ڪم شرڪت گاهہ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ۽ زلزلي متاثرن جي بحاليءَ لاءِ ڪوشش ڪندڙ گروپن ✻(JAC_ERE) سان گڏجي ڪيو. ان کان پوءِ شرڪت گاهہ آزاد ڪشمير جي علائقي پنجگران جي ڪشميري گروپ پريس فار پيس طرفان درخواست جو مثبت جواب ڏنو. رستو ٽٽي وڃڻ سبب پنجگران ۾ بحاليءَ واري ڪم لاءِ ضروري شيون پهچي نہ سگهيون هيون، ان کان علاوهہ هيلي ڪاپٽر وسيلي فراهم ڪيل بحاليءَ واريون شيون بہ انهن تائين پهچي نہ سگهيون هيون ، آخرڪار شرڪت گاهہ انهن علائقن ۾ بحاليءَ واريون شيون پهچائڻ وارو ڪم شروع ڪيو. ان کان پوءِ صوبي سرحد جي علائقي ڪوهستان ۾ زلزلي متاثر ماڻهن جي امداد لاءَ بحاليءَ وارو سازو سامان پهچايو ويو. (ڏسو ضميمو نمبر 1)

حقن لاءَ ڪم ڪندڙ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ۾ زلزلي متاثرن جي بحاليءَ جون ڪوششون ڪندڙ گروپ ۾ صرف هڪ بہ تنظيمن ڪي انساني ڀلائيءَ جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو تجربو حاصل هوءِ ڪيترن ئي ٻين گروپن وانگر شرڪت گاهہ بہ هن تجربي مان سکيو. هڪ فورم جي طور تي (JAC_ERE) گروپ هر وقت ماڻهن جي حقن واري مسئلي کي زندهہ رکڻ لاءَ ڀرپور ڪوششون ڪيون. هن گروپ شروع کان ئي تباهہ ٿيندڙ علائقن ۾ عورتن ۽ ٻين مظلوم گروهن جي مخصوص ضرورتن کي اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

## عورتن جون ضرورتون ۽ حق پورا ڪرڻ واري خاطري

عورتن جي حقن لاءَ ڪم ڪندڙ تنظيم جي حوالي سان شرڪت گاهہ زلزلي کان پوءِ ٻچي ويل عورتن جي حفاظت ۽ انهن جي حقن جي باري ۾ فڪرمند هئي ۽ اڄ بہ آهي. تباهي ڪهڙي بہ قسم جي هجي ان جا عورتن ۽ مردن تي اثر مختلف ٿين ٿا . 8 آڪٽومبر واري زلزلي جو عورتن ۽ مردن تي اڪثر صورتن ۾ اثر لڳ ڀڳ هڪ جهڙا ئي هئا پر ڪجهہ اهم صورتن ۾ مختلف بہ هئا. زلزلي جي تباهيءَ صنف سان لاڳاپيل خطرن ۽ خدشن (جيڪي اڳ ئي موجود هئا ) ۾ اضافو ڪيوجيڪي پردي بابت رسمن کان شروع

✻ شرڪت گاهہ طرفان ڪيل بحاليءَ واريون سرگرميون سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن، ليبر پارٽي ۽ ليبر ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏجي ڪيون ، ڪجهہ سرگرميون NRSPذريعي بہ ڪيون ويون.

ٿين ٿا، جيئن صنفي لحاظ کان علحدگي ۽ عورتن جو اڪيلو رهڻ. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته عورتن جي بحاليءَ وارين شين تائين پهچ محدود ٿي وئي ۽ بحاليءَ لاءِ ڪيل ڪوشش ۾ مردن جي مقابلي ۾ عورتن کي وڌيڪ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. عورتن کي فيصله سازي واري عمل کان پري رکيو ويو. اهو سڀ ڪجهه شروع ۾ ڪيمپ جي انتظامن ۽ ان کان پوءِ وري تعمير ۽ بحاليءَ جي نالي تي ڪيو ويو. عورت ڊاڪٽرن ۽ مددگارن جي گهٽتائيءَ سبب ڏکيائيون وڌي ويون ڇاڪاڻ ته عورتون مرد ڊاڪٽرن سان اندروني يا توليدي صحت جي حوالي سان ڳالهائڻ ۾ شرم محسوس ڪنديون هيون. جنهن جي نتيجي ۾ عورتن کي طبي امداد مڪمل طور تي ملي نه سگهي.

عورتن جي مخصوص مسئلن جي باري ۾ ۽ سال 2004 ۾ سونامي کان پوءِ بحالي وارين ڪوشش دوران پيدا ٿيندڙ مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ شرڪت ڳاهه ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون ته جيئن:

(الف) تباهيءَ سان لاڳاپيل پيِن تجربن مان سبق حاصل ڪيو وڃي.

(ب) عورتن کي درپيش خطرن ۽ غير محفوظ هئڻ جي امڪانن کي سمجهي ۽ انهن جو اندازو لڳائي سگهجي.

(ج) زخمن جي علاج جي طريقه ڪار ۾ مدد فراهم ڪري سگهجي.

# ماضي جي تجربن مان سبق حاصل ڪرڻ:

جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ۾ زلزلي متاثرن جي بحالي وارين ڪوشش جي لاءِ گروپ طور شرڪت ڳاهه ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ سوسائٽي (ساهي) بحاليءَ وارين سرگرمين کان پوءِ: ضرورتون، مسئلا ۽ جوابي اپاءَ جي موضوع تي گول ميز مباحثو ڊسمبر 2005 ۾ ڪرايو. ته جيئن (JAC_ERE) گروپ ۽ ٻين گروپن کي ان ڳالهه جو اهل بڻائجي ته اهي ڪارڪنن جي ماضي جي تجربن مان سبق حاصل ڪري پنهنجون ڪوششون وڌيڪ بهتر بڻائين. ٽن مهمان مقررن پنهنجي تجربن جي روشنيءَ ۾ تباهي ۽ تباهيءَ کان پوءِ واري صورتحال، اهم سبق ۽ ڪجهه مخصوص ترجيحن تي روشني وڌي.

ڪرن پاٿيه، جيڪا هڪ ڍاڪي کان وڌيڪ عرصي کان عورتن جون پناهه ڳاهون سنڀالي رهي آهي، سوناميءَ کان پوءِ واري ڪم بابت اهو سڀ ڪجهه ٻڌايو جيڪو ڏکڻ ايشيا جي عورتن جي صحت ۽ تحفظ جي لاءِ ڪيو ويو هو. هن چيو ته نفسياتي ۽ جذباتي صحت يابي ايتري ئي اهميت رکي ٿي جيتري جسماني. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مردن کي به صدمي مان نڪرڻ لاءِ مدد جي ضرورت هوندي آهي.

ٽيرس باسلر ڪوگا جنهن جو اڳوٽي يوگو سلاويه ۽ نظر انداز ڪيل گروپن سان تعليم ذريعي ڪم ڪرڻ جو تجربو آهي. هن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته آفتون ماضي جي ڪم ۾ بهتري آڻڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون، هن ٻڌايو ته هتياربند ويڙهه يا قدرتي آفتن جي نتيجي ۾ ۽ افراتفريءَ جي عالم ۾

تعليمي ادارا ۽ زخمن جو علاج ڪرڻ ۽ ٻيهر تعمير ڪي هڪ ڪهاڻي جي حصي طور نہ ونڻ گهرجي، جن جو مقصد تباهيءَ کان اڳ واري زندگيءَ جو معيار سڌارڻ هجي.

جين بيري، جنهن جو تعلق عورتن جي انساني حقن جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ هٿياربند ويڙهہ ۽ ان کان اڳ واري صورتحال سان منهن ڏيڻ جو تجربو آهي. هن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ آفتن جي سڀني انساني همدرديءَ جي ردعمل ۾ انساني حقن جي اهميت پنهنجي جاءِ تي برقرار رهندي آهي. انسانيت جي خدمت ڪندڙ سڀني ڪارڪنن کي اهو نقطو شروع کان ئي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ٻيهر بحالي ڪا وڏي ڳالهہ ناهي پر اهو سڀني متاثر ٿيندڙن جو حق آهي. حقن جي فريم ورڪ جي لاءِ سڀني ڪوشش دوران انساني عظمت جي پاسداري رکڻ نهايت ضروري آهي.

هن خصوصي شماري ۾ مٿي ذڪر ڪيل ماهرن جا مضمون بہ شامل آهن تنهن هوندي بہ ڪجهہ اهم نقطن جي باري ۾ هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

## اهم نقطا

- بحاليءَ ۽ آبادڪاريءَ واري ڪم ڪي انساني حقن جي فريم ورڪ ۾ ڏنو وڃي تہ هر اداري/ ڪارڪن کي تسليم ڪرڻ گهرجي بحالي تائين رسائي هر متاثر ماڻهوءَ جو حق آهي ۽ اها ڪا سخاوت يا رعايت ناهي جيڪا ڪنهن کي بہ ڏني وڃي ٿي.
- آفت جي رد عمل ۾ بحاليءَ جي لاءِ فوج طرفان ڪيل سرگرمين جي لاءِ وقت مقرر هئڻ گهرجي شروعات ۾ شيون پهچائڻ جي سلسلي ۾ فوج جو ڪردار انتهائي مددگار هوندو آهي تنهن هوندي بہ:
  - فوج جي انسانيت پسند ردِ عمل جي انساني حقن جي فريم ورڪ ۾ ڪا بہ جاءِ ناهي ۽ جيڪڏهن هوندي تہ پوءِ ان جي ڪري امدادي سامان جي ورهاست ۾ صنفي بنيادن تي اڻ برابري ٿي سگهي ٿي.
  - دنيا ۾ ڪٿي بہ ۽ ڪنهن بہ هنگامي صورتحال ۾ فوج طرفان ڪيل ڪمن ڪارين جي قيمت ادا نہ ڪرڻي پوندي آهي، انساني بهتري وارن قدمن ۾ هٿياربند فوج کي ٻيا سڀئي طريقا آزمائڻ کان پوءِ آخر ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ بحالي وارن ڪمن ۾ فوج جي ملوث هجڻ لاءِ وقت مقرر هئڻ گهرجي.
- بحالي ۽ سار سنڀال واري ڪم دوران سڏ سماءَ جي ذريعن جو ڪردار اهم هوندو آهي. خبرون ڇاپڻ وقت ماڻهن جي عزتِ نفس جو خيال رکڻ گهرجي ۽ اهڙي طرح زخمين جون تصويرون ڪيڻ وقت پڻ.

- هرهڪ اداري جي امدادي ۽ بحاليءَ واري ڪم جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ دستاويز ترتيب ڏيڻ ضروري آهن ته جيئن ڪم جي ورجاءَ کان بچي سگهجي جيڪو عام طور تي بحالي واري ڪم دوران ڏٺو به ويو آهي.
- مقامي طور تي فيصلا ڪرڻ جو طريقه ڪار شراڪتي هئڻ گهرجي.
- بحاليءَ واري ڪم جي منصوبه بنديءَ ۾ صنفي لحاظ کان غير محفوظ ماڻهن جي لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي پڇا ڳاڇا ٿيڻ جو طريقه ڪار هئڻ گهرجي.

# عورتن جو تحفظ ۽ جذباتي، نفسياتي بحالي

- ماڻهن ، خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن جي نفسياتي زخمن جي علاج جي لاءِ ڪين آفت کان پوءِ نفسياتي طور ڀيهر بحال ٿيڻ جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ ڪم لاءِ ضروري آهي ته انهن سيني ڪوشش ۾ عورتن جو شامل هئڻ گهرجي جيڪي ان ڏس ۾ تي رهيون هجن..
- مقامي آباديءَ کي سرگرم ڪرڻ ۽ بحاليءَ جي ڪوششن ۾ صنف سان لاڳاپيل مسئلا حل ڪرڻ لاءِ مناسب تعداد ۾ رضاڪار عورتون ۽ فيلڊ ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضرورت پوندي آهي.
- ڪيمپ ۾ غير مناسب سهولتون جهڙوڪ؛ بيت الخلاءِ ڪيمپ کان ٻاهر ۽ نا مناسب روشنيءَ جي ڪري تشدد جو خطرو وڌي ويجي ٿو.
- جيڪڏهن مردن کي صدمي مان ڪيڍڻ لاءِ مناسب قدم نه ڪنيا وڃن ته اهو ڏسڻ ۾ آيو آهي ته عورتن تي مڙسن طرفان تشدد ۾ اضافو ٿيو وڃي.

# سول سوسائٽي تنظيمن لاءِ سبق

- سول سوسائٽيءَ جي تنظيمن کي معلومات جي ڏي وٺ واسطي قدم کڻڻ لاءِ حڪومتي توجهه حاصل ڪرڻ جي لاءِ شايد ڪجهه مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ۽ تي سگهي ٿو ته حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ لڳاتار ۽ جارحاڻيون ڪوششون ڪرڻيون پون.
- آفت ستيل علائقن ۾ سول سوسائٽي جي تنظيمن جي سرگرمين جي ڪري؛
- سندن اڳ ئي جاري پروگرامن تي اثر پئجي سگهي ٿو.

- سول سوسائٽي جي تنظيمن جا ملازم پنهنجي پاليسيءَ مطابق ڪيل وعدا پورا نه ڪري سگهن يا انهن ڏانهن توجهه نه ڏئي سگهن يا پنهنجي اهم ترين پاليسيءَ تي عمل ڪرائڻ جي خاطري نه ڪرائي سگهن ته ان جو مطلب اهو به ٿي سگهي ٿو اهي پنهنجن وعدن تان ڦري رهيا آهن.
- **پر آفت سول سوسائٽيءَ جي تنظيمن کي موقعو فراهم ڪري ٿي ته اهي!**
- مقامي قيادت سامهون آڻين.
- مقامي گروپن جي ڪردار ۽ اهليت کا وڌيڪ مضبوط ڪن.
- ملڪ ۾ سول سوسائٽيءَ وچ ۾ رابطي کي وسعت ڏين.
- **ڪارڪن برن آئوٽ يعني جسماني ٿڪاوٽ کان بچڻ:** هنگامي ڪوششن ۾ عام طور تي امدادي ڪارڪنن جي جسماني ۽ ذهني صحت کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي خاص ڪري جڏهن ڪوششون گهٽ پئسن ۽ انفرادي يا ذاتي وسيلن مان ڪيون وينديون هجن. وقفي جي گهٽتائي ۽ ذهني ٿڪاوٽ جي ڪري تخليق ۽ ڪم جي معيار تي خراب اثر پوي ٿو. فيلڊ اسٽاف جي ذهني صحت ۽ جسماني تحفظ تي هر صورت ۾ توجهه ڏنو وڃي ڇاڪاڻ ته اهي تمام گهڻين تڪليفون ۽ ڏکيائون ڏسي چڪا هوندا آهن.

جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي زلزلي متاثرن جي بحاليءَ لاءِ ڪوششون ڪندڙ گروپ بحاليءَ جو سامان مهيا ڪرڻ واري عمل دوران عورتن کي در پيش ڪيترن ئي مسئلن جي نشاندهي ڪئي جيڪا هيٺينءَ ريت آهي:

- **عورتن جي چرپر ۾ گهٽتائي ۽ صنفي قدر پهرئين ڏينهن کان ئي مسئلو هئا.** چرپر ۾ گهٽتائي جي ڪري عورتن جي امدادي شين، دوائن، ۽ نقصان جي ازالي تائين پهچ نه ٿي ٿي سگهي.
- **صحت ۽ صفائي جي ضروري سهولتن جو فقدان:** ڪوشش باوجود (JAC_ERE) گروپ آفت سٽيلن جي بحاليءَ لاءِ ڪوشش ۾ مصروف ڪارڪنن کي اها ڳالهه سمجهائي نه سگهيو ته اهي ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته عورتن جي لاءِ سينيٽري نيپڪنز ۽ ٻيون صحت صفائيءَ جي ضرورتن تائين پهچ ممڪن ٿي سگهي. اهڙي قسم جي صورتحال ڪيترن ئي ٻين آفتن وقت ڏسڻ ۾ آئي آهي. مثال طور اڳوڻي يوگو سلاويه ۾ هڪ مرد سينيٽري نيپڪنز ورهائيندو هو ۽ هڪ ئي وقت صرف به ڏيندو هو. ڏکڻ ايشيا ۾ سونامي جي ڪري تباهه ٿيندڙ علائقن ۾ به اهڙي صورتحال سامهون آئي هئي.
- **بيوهه ۽ نوجوان عورتون:** آفت اچڻ سبب بيوهه ٿيندڙ ڪيترين ئي عورتن کي سندن فوتي مڙسن جي ويجهن مائٽن سان پرڻايو ويو يا ڪين اباڻي ڳوٺ روانو ڪيو ويو جتي نوجوان ڇوڪرين کي سندن والدين غير محفوظ مستقبل هئڻ سبب ٽڪڙ ۾ پرڻائي ڇڏيو.

- **زمين جي ملڪيت ۽ وراثت :** زمين جي ملڪيت جي مناسب دستاويزن جي گهٽتائي ۽ پاڪستان ۾ صنفي نظام عورتن جي لاءِ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن . مثال طور ڇا انهن عورتن کي وراثتي زمين مان حصو ملندو جن جا مڙس فوت ٿي ويا آهن.؟ جيڪڏهن کين زمين ملي به وئي ته ڇا انهن کي فيصلائتو ڪردار حاصل هوندو.؟ انهن علائقن ۾ جتي اها روايت آهي ته زمين سڀ کان وڏي پٽ جي نالي ڪئي ويندي آهي اتي جيڪڏهن بيوهه عورتن کي پٽ جو اولاد نه هجي ته پوءِ انهن جو ڇا ٿيندو.؟
- **زلزلو گناهن جي سزا :** زلزلي متاثر ماڻهن مان اڪثريت جو خيال هو ته زلزلو سندن گناهن جي ڪري آيو هو. سڀ کان وڏيڪ مسئلا پيدا ڪندڙ مهم اها هئي جنهن ۾ اهو الزام لڳايو ويو ته زلزلو وياج جي گناهه جي جواب ۾ آيو هو. ڪجهه جاين تي ماڻهن چيو ته زلزلو ان ڪري آيو ڇاڪاڻ ته عورتون غير مناسب لباس پهريندڙيون هيون.

# عورتن جون ضرورتون ۽ انهن جي غير محفوظ هئڻ جي امڪانن جو فوري جائزو:

زلزلي متاثر علائقي ۾ عورتن جي ضرورتن جو جائزو وٺڻ لاءِ پهرئين قدم طور تي شرڪت گاهه آغا خان يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ آف ڪميونٽي هيلٿ سائنسز جي ڪوثر ايس خان ۽ شمع دوسا جي سهڪار سان ڊسمبر 2005 دوران هڪ تربيتي ورڪشاپ جو انتظام ڪيو هو . اهو ورڪشاپ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ گول ميز ميٽنگ جي برابر هو. هن ورڪشاپ جو مقصد اهڙين ٽيمن کي سکيا ڏيڻ هوجيڪي صنف متعلق خطرن ۽ غير محفوظ ٿيڻ جي امڪانن جو جائزو وٺي سگهن.

ٽريننگ کان پوءِ ٻه يا ٽي رڪني ٽيم) جن جو تعلق شرڪت گاهه ۽ 6 ٻين تنظيمن سان هو(ضلع مظفر آباد) آزاد ڪشمير (۽ ضلع مانسهره) صوبو سرحد (جي 3 مختلف ڪيمپن جو فوري طور تي جائزو ورتو ان جائزي کان پوءِ حاصل ٿيندڙمعلومات انهن مسئلن جي نه صرف تصديق ڪئي جن جي گول ميز ميٽنگ ۾ به نشاندهي ڪئي وئي هئي پر شرڪت گاهه کي عورتن جي لاءِ هڪ پروپوزل تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏني .ان جو مقصد اهو هو ته عورتن کي اهڙي جڳهه ڏني وڃي جتي نه صرف کين زندگيءَ جون ضرورتون حاصل هجن پر اها اهڙي جڳهه هجي جتي اهي اهڙا ڪم ڪري سگهن جيڪي انهن لاءِ اهم هجن .شرڪت گاهه , سنگي ۽ OAKDFسان گڏجي مانسهره ۽ مظفر آباد جون 6 محفوظ جايون ٺاهڻ جي لاءِ پائلٽ پروجيڪٽ شروع ڪري رهيو آهي , اهڙن خيالن کي گهڻن ماڻهن به ساراهيو آهي

## نفسياتي ۽ جذباتي بحاليءَ طرف.

مردن عورتن ۽ ٻارن جي جذباتي ۽ نفسياتي بحالي جي لاءِ شرڪت گاھ سلووينين تنظيم تو گيدر فائونڊيشن ۾ ٻارن جي نفسيات جي ماھر ڊاڪٽر انيڪا ڪوس سان گڏ جي ڀن ڏينھن جو تربيتي ورڪشاپ جو انتظام ڪيو تہ جيئن معاونن، سرگرم ڪارڪنن ، ٽرينرز ۽ استادن کي ڪم ڪرڻ ۾ مدد ڏين . ھي تربيتي ورڪشاپ 20 کان 21 مارچ 2006 تائين ايبٽ آباد ۾ منعقد ٿيو ۽ ان ۾ 25 جي لڳ ڀڳ ماڻھو شريڪ ٿيا .

## مستقبل لاءِ رستو

ايڏي وڏي پئماني تي تباھي جو اثر گھٽي دير تائين نہ ٿو رھي سگھي، ڪيترائي عمل ۽ ان جي نتيجن جو پاڻ ۾ گھرو لاڳاپو ھوندو آھي جيتوڻيڪ ھي شمارو سيني لاڳاپيل مسئلن جي باري ۾ جامع ناھي تنھن ھوندي بہ ھي ٻين تجربن مان حاصل ڪيل اھم ترين سبق سامھون آڻي ٿو . ھن شماري ۾ 2004 ۾ ذڪر ڪيل ايشيا ۾ سونامي طوفان مان حاصل ڪيل سبق کان وٺي آزاد ڪشمير ۽ سرحد صوبي جي متاثر علائقن ۾

JAC_ERE ۽ شرڪت گاھ جي گڏيل ڪم جي نتيجي ۾ سامھون ايندڙ سبق بہ شامل آھن. ھن شماري کي ھيٺين حصن ۾ ورھايو ويو آھي:

- ماضيءَ جي تجربن مان سکڻ ۽ گول ميز مباحثي دوران ٿنھي شرڪت ڪندڙن طرفان اھم مسئلن جي باري ۾ ڪيل ڳالھ ٻولھ ڏانھن توجھ ڏيڻ .
- بحاليءَ جو رستو جنھن ۾ آفت ستيل ماڻھن جي نفسياتي بحالي جي اھميت تي زور ڏنو ويو آھي .

آفتون چاھي ڪيڏيون خوفائتيون چونہ ھجن اھي ماضي جي غلطين کي درست ڪرڻ سان گڏو گڏ حياتين ۽ معاشري کي بھتر طور تي تعمير ڪرڻ جو موقعو بہ فراھم ڪن ٿيون. اسان اميد ڪريون ٿا تہ ھن معلومات ۽ تجربن جي متا ستا سان ھي خصوصي شمارو اسان جي سوچ ۾ اضافو ڪري سگھي ٿو تہ بحرانن کان پوءِ واري صورتحال سان ڪھڙي طرح منھن ڏئي سگھجي ٿو .




# ماضي جي تجربن مان سبق سکڻ

ڪنهن بہ هنگامي صورتحال ۾ عورتن جي بنيادي ڪردار کي تسليم ڪندي شرڪت گاهہ وومنز رسورس سينٽر تعليم جي واڌري لاءِ سوسائٽي (ساهي) جي تعاون سان گڏجي بحاليءَ وارين سرگرمين ڪان پوءِ ضرورتن، مسئلن ۽ جوابي قدمن واري موضوع تي اسلام آباد گول ميز مباحثو ڪرايو جنهن جو مقصد اهو هو تہ آفتن ڪان پوءَ تجربن ۽ خاص طورتي شين ۾ سونامي ڪان پوءَ وارن تجربن مان سبق سکيو وڃي . هن حصي ۾ ٽن اهم ترين شرڪت ڪندڙن طرفان ڏنل پريزنٽيشنز آهن جن ۾ عورتن لاءَ اڻ ٽر خطرن ۽ اندروني زخمن کي گهٽائڻ تي زور ڏنو ويو آهي.ٽنهي شرڪت ڪندڙن ان ڳالهہ تي ڌيان ڏنو آهي تہ بحراني صورتحال ۾بحاليءَ وارو ڪم ڪندڙ ادارن جو ڪم ڪهڙي نموني متاثر ٿئي ٿو.



APP


Online

انساني حقن جي فريم ورڪ ۾ بحالي جو ڪم

# بنيادي مسئلا

**جين بيري بحالي جي اهميت تي زور ڏيندي چئي ٿي ته بحالي آفت کان متاثر هر شخص جو بنيادي حق آهي.**

هڪ تصوراتي دنيا (جتي بحالي ۽ آبادڪاري تي ان طرح عمل ڪيو وڃي ٿو ته آفت کان متاثر ٿيل سمورن ماڻهن ۾ مساوات ۽ سندن احترام کي نظر ۾ رکي خدمت ڪئي وڃي). جي ابتڙ اسان جي حقيقي دنيا ۾ عورتن جي حقن ۽ اوليتن کي لڳاتار نظرانداز ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طور تي عورتن سان لاڳاپيل اوليتن جو ڪڏهن ڪڏهن ئي صحيح جائزو ورتو ويندو آهي. ايتري حد تائين جو جتي انهن مسئلن جي نشاندهي ڪئي به ويندي آهي اتي به اهي ادارا جيڪي بحالي جي ڪم ۾ مصروف هوندا آهن اهي به انهن مسئلن جي جوابي قدمن کي عملي پروگرامن ۾ نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.
هنگامي حالتن جي صورت ۾ صنفي طور تي حساس ۽ انساني حقن بابت قدمن تائين پهچ آخر

گهٽ ڇو آهي؟

هڪ مناسب جوابي قدم جي لاءِ اهو نظريو موجود آهي پر حقن متعلق قدمن بابت وقت ۽ ادارن جي ذميواري جو نہ هجڻ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. حقن بابت ڪوششن کي اڪثر اضافي، هنگامي اپائن جي طور تي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. مثال طور چيو اهو ويندو آهي تہ مخصوص مسئلن جي جائزي لاءِ وقت ناهي ۽ اسان جيڪو ڪجھ ڪري رهيا آهيون اسان کي خبر آهي[1] اهوئي سبب آهي جو عورتن ۽ ڇوڪرين بابت ترجيحن کي تسليم نٿو ڪيو وڃي.[2]

هڪ اهم ترين سوال اهو آهي تہ هنگامي ردعمل ۾ عورتن جي حقن کي نظرانداز ڪرڻ جا نتيجا ڪهڙا نڪري سگهن ٿا؟

عورتن جي مختلف اوليتن جو جائزو وٺڻ بنا بحالي لاءِ ڪم ڪرڻ وارا ادارا انهن جي اهميت کي گهٽ ڪري ڇڏين ٿا. وڌيڪ اهو تہ عورتن ۽ ڇوڪرين کي بحالي جي ڪوشش ۾ بنيادي ڪردارن جي بجاءِ مظلوم تصور ڪيو ويندو آهي اها ڳالھ هيٺين سطح کان وٺي ڪري عورتن جي حقن جي منظم تنظيمن ۾ بہ ڏٺي وئي آهي.

اها ڳالھ اسان کي اهو سوال ڪرڻ تي همٿائي ٿي تہ ان جي اهميت ڇو آهي ۽ ڇو اسان کي صنف ۽ حقن بابت نظريي کان ئي بحالي ۽ آبادڪاري کي ڏسڻو هوندو؟

جڏهن بحالي ۽ آبادڪاري لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا پنهنجون سرگرميون انساني حقن جي فريم ورڪ ۾ ڪندا آهن تہ اها ڪا مدد يا اضافي خدمت نہ هوندي آهي پر حقيقت ۾ هي قدرتي آفت کان متاثر ٿيڻ وارن جي حقن کي پورو ڪندي نظر ايندا آهن. جيڪا هڪ عمل جي طور تي انهن جي ذميواري هوندي آهي. انهن عمل ڪرڻ وارن ۾ رياست جي پوزيشن سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي، ان کان پوءِ قومي ۽ بين الاقوامي سول سوسائٽي جي ادارن جا نالا اچن ٿا، جيڪي بين الاقوامي قانون تحت قائدن ۽ ضابطن جا پابند آهن. اها ڳالھ انساني همدردي جي چارٽر ۽ بين الاقوامي ريڊ ڪراس ۽ ريڊ ڪريسنٽ موومينٽ ۽ اين جي اوز جي ضابطہ اخلاق ۾ پڻ موجود آهي.[3]

انساني همدردي جون سموريون سرگرميون انساني حقن ۽ غير امتيازي اصولن تي ٻڌل هجڻ گهرجن. هنگامي حالتن جي صورت ۾ غير امتيازي هجڻ جو مطلب اهو ورتو ويندو آهي تہ آفت کان بچي

1. ”اختيارن جو جلدبازي ۾ ڪيل ناجائز استعمال“ (tyranny of the urgent) جنهن ۾ اڪثر ڪري ايئن ٿيندو آهي تہ بحالي جي لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن جي صنفي معاملن ۾ آگاهي باوجود ڇوڪرين ۽ عورتون بحالي واري سامان ملڻ کان ڪنهن حد تائين محروم رهجي ويندیون آهن. سڌ سماءَ جي ذريعن جي گهٽ توجهہ ۽ بحالي واري سياست وڌيڪ منجهي پوڻ سبب هي مسئلا ڊگهي عرصي تائين موجود رهن ٿا، پر هاڻي ڪيل فيصلا مستقبل جا در کولين ٿا يا بند ڪن ٿا. هي دستاويز E. Enarson 'Promoting Social Justice in Disaster Reconstruction: Guidelines of Gender_Sensitive and Community_Based Planning. 13 مارچ 2001ع تي Disaster Mitigation Institute of Ahmedabad Gujrat جي لاءِ تيار ڪئي وئي.
2. هتي اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ ڪجھ تنظيمون اهڙيون بہ آهن، جيڪي بنيادي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ۽ صنفي طور تي حساس آهن. ان سان گڏوگڏ ڪجھ تنظيمون انهن مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي طرفان ڀرپور ڪوششون ڪري رهيون آهن، پر جيڪي تنظيمون صنفي طور تي حساس ناهن، انهن جي ڪري تمام گهڻي دير ٿي ويندي ۽ جڏهن حالتون بحالي واري مرحلي تي پهچنديون تہ ان وقت تائين تمام گهڻو نقصان ٿي چڪو هوندو.
3. آفتن سان بحالي ۾ بين الاقوامي ريڊ ڪريسينٽ موومينٽ ۽ غيرسرڪاري تنظيمن (NGOs) لاءِ انساني فلاح ۽ بهبود وارو چارٽر ۽ ضابطہ اخلاق هيٺ Humanitarian Charter and Minimum Standards in Disaster Response ۾ ڏسي سگهجن ٿا. جيڪي Share project ڇپيا آهن. جنهن جو تازو ترين ڇاپو 2004ع آهي. صفحا 16 ۽ 315.

ويندڙن جو حق هوندو آهي ته اهي برابري جي بنياد تي امداد جو مطالبو ڪن اها شيءِ صنف، مذهب، ذات، عمر، جسماني سجاڳپ، سياسي وابستگي ۽ جنسي ترغيبن ڪان متاثهين ٿي ڪري ملڻ گهرجي. اسان ڪي اهو حق حاصل ناهي ته اسان ڪنهن عناد جي بنياد تي ڪنهن هڪ ڪي ڪنهن ٻئي تي ترجيح ڏيون. واحد چونڊ اها هوندي آهي ته اسان ڏسون ته انتهائي اهم ضرورت ڪنهن جي آهي. ان ڪري انساني ڀلائي وارن ادارن کي ان ڳالھ جي خاطري ڪرائڻ گهرجي ته اهي مردن، عورتن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي مخصوص ضرورتن کي برابري جي سطح تي پورو ڪن ٻي صورت ۾ انهن جي ڪوشش کي نقصان پهچي سگهي ٿو.[4]

جيتوڻيڪ انساني حقن جي ادارن گذريل ڏهاڪي ۾ پنهنجي ماضي جي تجربن مان سبق حاصل ڪرڻ جي لاءِ وقت، اسٽاف ۽ رقم جي صورت ۾ سيڙپڪاري ڪئي آهي. ماضي ۾ خاص طور تي روانڊا ۾ جنگ مان تمام گهڻو سبق حاصل ڪيو ويو، جڏهن ته انهن ڪوشش سان فيلڊ ۾ عملي طور تي ان ڪان فائدو نه ورتو ويو.

ان ڳالھ ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ ڪيل سرگرمين ۾ جيڪڏهن صرف مردن، عورتن ۽ ٻارڙن جي مختلف ترجيحن تي ئي ڌيان ڏنو وڃي ته اهو ڪن حالتن ۾ غير مؤثر ۽ نقصانڪار به ٿي سگهي ٿو.

## آفت کان بچي ويل ماڻهن جا خاص مسئلا

دلچسپي جي ڳالھ اها آهي ته انساني حقن ۽ خاص طور تي عورتن جي حقن جي سلسلي ۾ جيڪو سبق پرايو ويو آهي، ان کي آفت سٽيل علائقن ۾ عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪرڻ وارن گروهن جي تجربن مان حاصل ڪيو ويو آهي. انهن مسئلن کي چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

- جسماني تحفظ: حفاظت ۽ پناھ
- بحالي ۾ اڻ برابري
- قانوني ۽ انتظامي مسئلا
- آبادڪاري جو مرحلو

4. 1990ع جي وچ واري "Do No Harm" جي ڇيڇڙ سان منصفاڻي نظر وجهڻ جو سبب بڻي ۽ ان ڪانپوءِ جي بنيادي جاچ ۽ وڌيڪ احتساب جي لاءِ اپاءَ ورتا ويا. 'Do No Harm' بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ ڏسو Collaborative Learning projects and the Collaborative for Development Action, Inc ويب سائيٽ /http://www.cdainc.com/dnh

# جسماني تحفظ: حفاظت ۽ پناهہ

## فوج طرفان بحالي لاءِ سرگرميون

ڪابہ سرگرمي جنهن ۾ فوج يا سيڪيورٽي فورسز گهٽ ۾ گهٽ عرصي کان وڌيڪ ملوث رهن تہ ان سان آفت کان بچي ويندڙن ۽ خاص طور عورتن ۽ ڇوڪرين کي خطرن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، ان جا ٽي سبب آهن.

پهريون: فوجي ردعمل جي انساني حقن جي فريم ورڪ ۾ ڪابہ جاءِ نہ آهي. انهن کي روايتي طريقي سان جنهن ۾ مردن کي اڳواڻ ۽ عورتن کي مظلوم جي طور تي پيش ڪيو ويندو آهي.

ٻيون: جهيڙي (ٽڪراءُ) واري علائقي ۾ قدرتي آفت جي صورت ۾ انهن جو مٿي ڄاڻايل رويو وڌيڪ نمايان ٿي ويندو آهي. هٿياربند فوجون اڪثر حالتن ۾ جهيڙي دوران ڌر هونديون آهن. ان جو نتيجو اهو هوندو آهي تہ جيڪڏهن فوجي چاهن تڏهن بہ اهي غير جانبداري سان امداد ورهائي نٿا سگهن. ان جو نتيجو خطرناڪ بہ ٿي سگهي ٿو. مثال جي طور تي فوجي ڪجهہ مقامي آبادي طرف انهن جي سياسي وابستگي جي ڪري ڌيان نٿا ڏين يا اهي بحالي دؤران آبادي جي ميمبرن ۽ سول ادارن کان ڳجهي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا.

ٽيون: بحالي جي ڪارروائين ۾ فوج جي موجودگي سان ڪڏهن ڪڏهن انساني حقن جون خلاف ورزيون بہ ٿينديون آهن ۽ خاص طور تي عورتن سان جنسي ڏاڍايون ۽ انهن کي جنسي طور تي حراسان ڪرڻ جا واقعا بہ سامهون ايندا آهن.

## عارضي پناهہ گاهن ۾ تحفظ

ڪئمپن ۾پاءِ خانو، وهنجڻ جي جڳهہ عورتن ۽ ڇوڪرين جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي نٿي ٺاهي وڃي. اها غير محفوظ جڳهہ تي واقع هوندي آهي، جتي اڪثر مرد بہ گڏ ٿي ويندا آهن ۽ روشني بہ نہ هوندي آهي.

### استحصال

ڪئمپن جي ماحول ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين ڪي جنسي استحصال جي تجربي مان گذرڻو پوندو آهي، اها ڳالهه خاص طور ان وقت سامهون ايندي آهي، جڏهن امدادي شيون اڻبرابري جي بنياد تي ورهايون وينديون آهن. ان سبب جي ڪري اهي ان استحصال جو وڏيڪ سولائيءَ سان شڪار ٿي وينديون آهن ،جن جي هٿن ۾ امدادي شين جو ڪنٽرول هوندو آهي.

### عورتن تي وڌندڙ تشدد

ڪئمپن ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين کي مردن سان جن ۾ ادارن کان وٺي ڪري پاڙيسرين ۽ خاندان جا ٻيا ميمبر بہ شامل هوندا آهن، کان جنسي تشدد جو وڏيڪ خطرو هوندو آهي.

## بحالي ۾ اڻ برابري

### امداد جي ورهاست

جيڪي ماڻهو جسماني طور تي طاقتور هوندا آهن، انهن جو آواز بہ ٻڌو ويندو آهي ۽ انهن ئي ماڻهن جي امداد تائين پهچ بہ هوندي آهي. عورتن، ٻارن، بزرگ ۽ معذور ماڻهن کي گهٽي ٻاڱي نظرانداز ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي ايترو مظبوط نہ هوندا آهن، جو امداد تائين پهچ حاصل ڪري سگهن. اها ڳالهه ان وقت وڏيڪ ظاهر ٿي سامهون ايندي آهي، جڏهن امداد جي ورهاست الڳ الڳ نہ ڪئي ويندي هجي.

جڏهن هنگامي صورتحال ۾ بهتري اچڻ لڳندي آهي تہ بحالي جون شيون گهرن جي سربراهن ۾ ورهايون وينديون آهن. اهڙين حالتن ۾ جڏهن عورتن ۽ ٻارن جا مرد سربراهہ نہ هوندا آهن تہ عورتون ۽ ڇوڪريون غير مردن کان مدد گهرڻ تي مجبور هونديون آهن.

### ڇا ورهايو ويندو آهي؟

اڪثر موقعن تي خوراڪ جو راشن مقدار ۽ قسمن جي لحاظ کان اڻپورو هوندو آهي. مثال طور عورتن، ڪير پيارينڊڙ مائرن ۽ وڏن خاندانن جي لاءِ راشن اڻپورو هوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ گهٽو

ڪري مائرون پاڻ پنهنجي خوراڪ کان محروم ٿي وينديون آهن. ورهائي ويندڙ خوراڪ جا قسم پڻ مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. مثال طور مختلف قسم جون داليون جن کي پچائڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو آهي ۽ قيمتي ٻارڻ ضايع ٿيندو آهي.

ٻي مثال ٻارڻ جي مناسب ڪاٺين ڪانسواءِ چلهن جي ورهاست آهي. ان جي ڪري عورتون ۽ ٻار جهنگ ۾ ڪاٺيون گڏ ڪرڻ لاءِ وينديون آهن، جنهن جي ڪري اهي تشدد ۽ ڪن وقتن تي بارودي سرنگهن جو نشانو بڻجي وينديون آهن.

### ڪهڙي شيءِ کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي؟

اڪثر عملي طور تي مناسب بحالي جي شين جي ورهاست نئين ڪئي وڃي ٿي جو عورتن جي ضرورتن کي اوليت نٿي ڏني وڃي. ان جا اهم مثال صحت ۽ صفائي ۽ سينيٽري نيپڪنز جون ضروري شيون، حمل لاءِ منع ٿيل دوائون ۽ مناسب ڪپڙا آهن. هڪ ٻيو مثال جيڪو سونامي دوران سامهون آيو اهو هي آهي تہ کير پيارينديون مائرن، جن جا ٻارڙا مري ويا هئا انهن کي ڇاتيءَ جو انفيڪشن ٿي ويو هو ۽ اهي ان جو علاج ڪرائي نہ پئي سگهيون.[5]

ڪجهہ ثقافتن ۾ خاص طور تي ڏکڻ ايشيا ۾ خودڪشي ڪندڙن ۾ غير معمولي تبديلي آئي آهي مردن جي مقابلي ۾ عورتون ۽ ٻار وڌيڪ خودڪشي ڪري رهيا آهن. آفتن ڪانپوءِ عورتن ۽ ڇوڪرين ۾ ذهني ۽ جسماني معذوريون عام ٿي ويون آهن ۽ بدقسمتي سان اهي ماڻهو جيڪي اڳ ئي معذور هئا، انهن کي هنگامي صورتحال ۾ بحالي جي سرگرمين ۾ نظرانداز ڪيو ويندو آهي.

## قانوني ۽ انتظامي مسئلا

### سڃاڻپ وارا دستاويز

آفتن ۾ خاندانن کي اهم ترين سڃاڻپن ۽ قانوني دستاويزن ڪانسواءِ گهر ڇڏڻا پوندا آهن. دستاويزن جي عدم موجودگي جي ڪري عورتن ۽ ڇوڪرين کي وڌيڪ خطرو هوندو آهي، ڇاڪاڻ جو ان جي ڪري اهي سفر نٿيون ڪري سگهن، معاوضي ۽ جائيداد جي بنيادي حقن جي دعوي بہ نہ ڪري سگهنديون آهن.

5. هن جذباتي ۽ جسماني تڪليف ڏيندڙ مسئلي جو هڪ سادو حل hand operated breast pumps جي ورهاست ٿي سگهي ٿو.

راشده دوها جيڪا عمر اصغر خان ڊولپمينٽ فائونڊيشن سان پروگرام ايڊوائزر طور ڪم ڪري رهي آهي، جي مطابق:"حڪومت پاران پيش ڪيل سهولتون مڪمل طور تي صنفي طور تي حساس نہ آهن. ان ۾ صرف بيواهہ عورتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن کي يتيمن ۽ معذورن سان جوڙيو ويو آهي، پر سيئي عورتون تہ بيواهہ ڪو نہ آهن."

ڊان/آءِ پي ايس

سرلا نالي ڳوٺ جي هڪ 40 سالن جي موسم جي شڪار عورت حڪم داد مطابق :"اسان گهرن جي ٻيهر تعمير بابت حڪومت پاران پيش ڪيل سهولتن بابت ٻڌو آهي، پر اسان کي يقين ڪونهي تہ اسان اهي حاصل ڪري سگهنداسين."

ڊان/آءِ پي ايس

## ماڻهن جي تعداد ۽ سندن رتبي ۾ گهٽتائي

عورتن ۽ ٻارن جن جي خاندانن جا سربراهه نه ملي رهيا هوندا آهن، تن کي ٻٽي صدمي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، پهرين ته انهن کي غير يقيني صورتحال سان منهن ڏيڻو پوندو آهي ته ڇا انهن جا عزيز ۽ مائٽ اڃان تائين جيئرا آهن ۽ انهن جي گهٽي ڀاڱي معلومات حاصل ڪرڻ تائين پهچ نه هوندي آهي. ٻيو موت جي سرٽيفڪيٽ جي عدم موجودگي آهي، اهي جائيداد، پينشن ۽ بيمه جي دعوي جا اهل نه ٿي سگهندا آهن. جڏهن گهٽي ڀاڱي لاش ملي ويندا آهن ته اهي دفنائڻ جون رسمون خاندان جي جيئرو بچي ويل فردن جي احساس جو خيال ڪرڻ بغير ادا ڪيون وينديون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي ڏک ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو آهي.

## معلومات تائين پهچ

جيتوڻيڪ سڀ کان اهم مسئلو ،جنهن کي عام طور تي نظرانداز ڪيو ويندو آهي، اهو عورتن جي بحالي ۽ آبادڪاري ۾ انهن جي حقن جي باري ۾ معلومات تائين پهچ آهي. انهن کي گهٽو ڪري اهو علم نه هوندو آهي ته ڇا ڪيو وڃي. اهي ڪهڙي شيءِ جي اهل آهن ۽ ڪهڙي طرح اهي پنهنجي حقن جي دعوي ڪري سگهن ٿيون. جيڪڏهن رياست ۽ سول ادارا به عورتن کي انهن جي حقن جي باري ۾ معلومات فراهم نه ڪري سگهن ته اهي مڪمل طور اڻڄاڻ رهنديون آهن.

## آبادڪاري جو مرحلو

ڇاڪاڻ جو عورتن ۽ ڇوڪرين سان صورتحال دوران مناسب طريقي سان مشورو نه ڪيو ويندو آهي، ان جي ڪري نا مناسب معاشي مداخلتون ۽ عورتن کي زمين ۽ جائيداد جي حق کان محروم ڪرڻ سان آبادڪاري ۽ ٻيهر تعمير جي مرحلي تي برو اثر پئجي سگهي ٿو.

## نامناسب معاشي مداخلتون

اهو واقعي پريشاني جو سبب آهي ڇو جو ان جو لاڳاپو گهٽو ڪري عورتن جي بااختياري ۽ حقن

جي فريم ورڪ سان هوندو آهي. گھڻي ڀاڱي مردن کي ننڍين وڏن ڪاروبارن جي لاءِ قرض، امداد ۽ تعمير جي جڳھ تي ڪم لاءِ سڏيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري انهن کي معاشي بحالي لاءِ مناسب موقعو ملي ويندو آهي. عورتن کي عام طور تي هٿ جي هنر جي تربيت ڏني وڃي ٿي ۽ سلائي مشينون ڏنيون وينديون آهن ته جيئن اهي گهٽ آمدني واري هٿ جي هنر وسيلي ڪمائي ڪري سگهن. ان قسم جون سرگرميون گھڻو ڪري اهڙين حالتن ۾ اثرائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون، جتي عورتن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي لاءِ روايتي طور تي مناسب طريقا اڳ ئي موجود هجن. تنهن هوندي اهڙيون مداخلتون نه صرف رڳو عورتن جي آمدني وڌائڻ ۾ ناڪام ٿينديون آهن، پر انهن جي قرض کڻي ڪاروبار (ڪريڊٽ بزنس) جي موقعن ۽ قانوني فريم ورڪ تائين انهن جي پهچ ۾ گهٽتائي آڻينديون آهن.

## جائيداد ۽ زمين جا حق

جيئن ته عورتن کي آبادڪاري جي مرحلي دوران پاليسي ناهڻ ۾ شامل نٿو ڪيو وڃي، ان جي ڪري اهي مقامي آبادي جي ڍانچي ۽ گهر ناهڻ جي اهم پاليسين تي اثرانداز نه ٿي سگهنديون آهن. پنهنجي جائيداد تي حق ثابت ڪرڻ لاءِ دستاويزن جي موجود نه هئڻ جي ڪري انهن کي آبادڪاري جي لاءِ ناهيل گهرن ۾ رهڻ جو حق يا ته محدود ڪيو ويندو آهي يا ختم ڪيو ويندو آهي. ان سبب جي ڪري اهي زمين جي حقن بابت دعويٰ ڪرڻ جون اهل نه رهنديون آهن.

# عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪرڻ وارن گروهن ۽ ڪارڪنن جا مسئلا



Internet

## مرڪزي ڪم کان ڌيان هٽي وڃڻ

وڏين آفتن جي صورت ۾ عورتن جي حقن ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪرڻ وارا گروهه پنهنجو ڌيان ۽ انساني ذريعا مرڪزي ڪم کان هٽائي ڇڏيندا آهن ۽ اتي استعمال ڪندا آهن. جتي فوري بحالي جي ضرورت هوندي آهي.

جيتوڻيڪ ان تبديلي جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. ڀرين اهو ته سرگرمي ۽ دٻاءَ جي غير موجودگي ۾ قانوني ۽ سياسي سطح تي عورتن جي حقن جي پيڪڙين سان مهاڏو اٽڪائڻ کان اڳ ئي نقصان ثي سگهي ٿو. ٻيو اهو ته عورت ڪارڪن فوري بحالي تي ڌيان ڏئي رهيون هونديون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ آبادڪاري ۽ ٻيهر تعمير ۾ انهن جي مدد ۽ صلاح ڪانسواءِ ڪم مڪمل ڪيا ويندا آهن ۽ جنهن وقت انساني ۽ عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ گروهه پنهنجي بنيادي ڪم طرف ڌيان ڏيندا آهن ۽ آبادڪاري توڙي ٻيهر تعمير جي پاليسي تي ڌيان ڏين ٿا ته ان وقت سندن پنهنجا ذريعا ختم ٿي چڪا هوندا آهن. اهي پنهنجو آواز به مٿي نٿا پهچائي سگهن.

## فنڊن ۾ تبديلي

وڏي آفت دؤران ردعمل جي طور تي سراسري طور وڏيڪ رقم ايندي آهي. (باوجود جو پاڪستان ۾ اها اڻپوري هئي) پر اهي فنڊز عورتن جي حقن جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اڻپورا هوندا آهن. جڏهن آفت جي باري ۾ ڇهن کان اٺن مهينن بعد آفت خبرن جو حصو نه رهي ته امداد گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ بعد ۾ ختم ٿي ويندي آهي. ان امداد جي تبديلي جو حقيقت ۾ ضرورتن سان ڪو تعلق ناهي. دراصل هي اهو مرحلو هوندو آهي جتي ڪجهه قسم جا مسئلا وڌندا آهن. جهڙوڪ: عورتن تي تشدد. ان جو نتيجو اهو هوندو آهي ته عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ گروهن وٽ بحالي ۽ مرڪزي ڪم لاءِ ذريعا گهٽو گهٽ رهجي ويندا آهن.

## بحالي لاءِ ڪم ڪندڙن جي جسماني ۽ دماغي صحت کي درپيش خطرا

وڏي آفت ۾ اهو ٿي سگهي ٿو ته جيڪي ماڻهو بحالي وارين سرگرمين ۾ مصروف هوندا آهن، اهي سڌي يا اڻ سڌي طرح ان بحران کان متاثر ٿيندا آهن. ان جو مطلب اهو آهي ته انهن جي خاندان جا ماڻهو، دوست، گهر يا ٻي جائيداد جو نقصان ٿيل هوندو آهي ۽ اهي انتهائي تڪليف ۽ غم جا شاهد هوندا آهن.

حقيقت ۾ ڪڏهن به بحالي لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪن ان قسم جي نقصان، صدمي ۽ تڪليف کي برداشت ڪرڻ لاءِ مناسب طريقي سان تيار نه هوندا آهن. انهن جي تڪليف ان وقت وڌي ويندي آهي، جڏهن انهن جي مدد لاءِ ذريعا گهٽجي ويندا آهن. هفتي ۾ 24 ڪلاڪ روزانو ڪم ڪرڻ واري دٻاءُ جي ڪري انهن جون تڪليفون ۽ ٿڪاوٽ انتهائي حد تائين وڌي ويندي آهن پر ان ڳالهه کي تسليم ڪرڻ ۽ سڪون ڪرڻ بجاءِ اهي اڪثر موقعن تي پنهنجي ضمير تي بار سمجهندا آهن ته اهي مناسب ڪم نه ڪري رهيا آهن ۽ ٻين ماڻهن جي تڪليفن آڏو سندن ڪو به حق ناهي ته اهي ان ڳالهه کي محسوس به ڪن ته هو ٿڪجي ٿي پيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اهي گهٽي کان گهڻو ڪم ڪندا آهن، جنهن جي ڪري انهن جي جسماني ۽ دماغي صحت کي گهڻو خطرو هوندو آهي.

ان ڳالهه جا نتيجا گهڻو خطرناڪ هوندا آهن، جڏهن بحالي لاءِ ڪم ڪندڙ ٿڪجي دل هاري چڪا هجن ته اهي پنهنجي جسماني حفاظت ۽ جسماني اشارن طرف گهٽ ئي ڌيان ڏئي سگهندا آهن، اهڙي صورتحال ۾ حادثن جي شرح وڌي ويندي آهي. ڪم کي بهتر نموني انجام ڏيڻ، واضح فيصلا ڪرڻ ۽ مسئلن کي تخليقي طور حل ڪرڻ جي اهليت ختم ٿي ويندي آهي. ان جي ڪري آفت کان بچي ويندڙ ماڻهن کي اهڙا ماڻهو پنهنجي حساسيت، ڪم جي دٻاءُ ۽ مناسب تربيت نه هئڻ جي ڪري ٻيهر صدمو پهچائي سگهن ٿا.

## نتيجو:

اهو ڪم انتهائي ڏکيو ۽ گهڻي ڀاڱي سستي ڏياريندڙ آهي پر ان جي باوجود اهو سڀ ڪجهه ئي آهي جيڪو اسين عملي طور تي ڪري سگهون ٿا ته جيئن بحالي جي سرگرمين کي جهڙي ريت ڪيو ويندو آهي ۽ جهڙي طرح بحالي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا متاثر ٿيندا آهن، انهن کي تبديل ڪري سگهجي.

جين بيري هن وقت Urgent Action Fund for Women's Human Rights ۾ ڪنسلٽنٽ آهي. 'Rising up in Response: Women Rights Activism in Conflict' جي ليکڪ آهي. هن هٿياربند جهيڙن وارن علائقن ۾ بحالي ۽ آبادڪاري جي ڪمن ۾ حصو ورتو آهي ۽ انساني

حقن جي تنظيمن کي قدرتي آفتن يا هٿياربند جهيڙن جي صورت ۾ هنگامي طور تي جوابي قدمن طور پاليسي ٺاهڻ ۾ رهنمائي فراهم ڪئي آهي.


Newsweek


APP

بحراني حالتن ۾ عورتن ۽ ٻارن جي غير محفوظ ٿيڻ جي امڪانن ۾ گھڻتائي

# سري لنڪا ۾ سونامي

**ڪرن پاٿيه جو چوڻ آهي ته ڪنهن به آفت ڪان پوءِ ٿيندڙ بحالي وارين سرگرمين ۾ عورتن ۽ ٻارن کي مظلوم تصور ڪيو ويندو آهي، پر گھريلو ۽ جنسي تشدد ڪرڻ وارن مردن جي ڏوهه تي گهٽ ڌيان ڏنو ويندو آهي.**

ڏکڻ ايشيا ۾ سونامي جي تجربي جي بنياد تي اها ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي آهي ته اڪيليون عورتون ۽ نوجوان ڇوڪريون (خاص طور اهي جيڪي زخمي ۽ معذور ٿي وينديون آهن) ۽ مهاجر مزدورن لاءِ عارضي پناهه گاهن ۾ وڏيڪ خطرا هوندا آهن. عورتون گھڻو ڪري جنسي تشدد، تجارتي جنسي استحصال جو نشانو بڻجي رهجي وينديون آهن. اهڙين حالتن ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين جو اغوا ٿيڻ، خريداري ۽ وڪري توڙي قتل وغيره عام ٿي ويندو آهي.

صورتحال ان وقت گھڻو خراب ٿي ويندي آهي جڏهن عورتن ۽ ٻارن کي مظلوم تصور ڪيو ويندو آهي پر گھريلو ۽ جنسي تشدد ڪرڻ وارن مردن جي ڏوهه تي گهٽ ڌيان ڏنو ويندو آهي. سونامي

ڪانپوءِ واري تجربي مان سبق سکندي اها ڳالهه سامهون آئي آهي تہ خاندان جا جيئرا بچي ويل ياتي جائيداد جي نقصان ۽ بي روزگاري جي ڪري ذهني پريشاني جو وڏيڪ شڪار هوندا آهن. جنهن جي ڪري اهي گهڻو شراب پيئڻ شروع ڪري ڏيندا آهن يا پوءِ خودڪشي ڪري ويهندا آهن. سونامي ڪانپوءِ جيئرو بچي ويل مردن ڪن حالتن ۾ خودڪشي ڪري ورتي هئي. ان ڪري آفت ڪانپوءِ جيئرو بچي ويندڙ مردن جي فوري طور تي نفسياتي ضرورتن جو خيال رکيو وڃي ۽ انهن کي پورو ڪيو وڃي. مردن کي فلاحي ڪئمپن ۾ بيزار ٿيڻ ۽ هٿ تي هٿ رکي کين ڏسندو رهڻ لاءِ نہ ڇڏڻ گهرجي. انهن جي حوصلي افزائي ڪئي وڃي تہ جيئن اهي پناهہ گاهن کي تيار ڪرڻ ۽ بحالي لاءِ ناهيل ڪئمپن جي انتظام ۾ حصو وٺي سگهن.

آفتون عورتن جي جسماني ۽ نفسياتي صحت تي بہ اثر انداز ٿينديون آهن. حقيقت ۾ ڪجهہ صورتن ۾ انهن کي مردن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ مشڪلاتون پيش اينديون آهن. آفت ۾ گهريلو ۽ سماجي ڍانچي جي ٽٽي وڃڻ ۽ خاندان جي ميمبرن جي نقصان جي ڪري عورتن ۾ ذهني دٻاءُ ۽ پريشاني وڌي ويندي آهي. جيڪڏهن ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ جلد ئي آفت اچي وڃي تہ عورتون ٻين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ مشڪلاتن جو شڪار ٿي سگهن ٿيون.

قدرتي ۽ انسانن جي ناهيل آفتن ۾ گهربار ڇڏڻ جو عورتن جي صحت تي گهڻو منفي اثر پوندو آهي. غربت، معاشي ذريعن جي ختم ٿيڻ، سهولتون ميسر نہ هجڻ، سماجي مددگار نظام جو ٽٽي ختم ٿي وڃڻ ۽ تشدد، ملي ڪري عورتن جي صحت کي تباهہ ڪري ڇڏينداآهن. اهو ئي سبب آهي جو ان ڪانپوءِ عورتون جنسي عمل سان لڳندڙ انفيڪشن، ايچ آءِ وي/ايڊز سميت بنا چاهڻ جي حمل ۽ سماجي طور سمورين براين جو آساني سان نشانو بڻجي رهجي وينديون آهن. زخم ڪٿي جسماني هجن يا نفسياتي پر اهي تڪليف پهچائيندا آهن ۽ انهن لاءِ مخصوص ۽ فوري ڌيان جي ضرورت هوندي آهي. جامع توليدي صحت جي سهولتن مثال طور تي هنگامي طور حمل ڪيرائڻ لاءِ شيون ۽ جسماني عضون جي سرجري جي سهولت، لڏپلاڻ ڪندڙ عورتن کي هر صورت ۾ ضرور پهچائي وڃي. توليدي صحت جي مسئلن ۾ شهري ۽ بحالي جي سرگرمين کي انجام ڏيندڙ ڪارڪن بہ ئي شامل هوندا آهن.

آفتن کان متاثر ماڻهن جي زخمن کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهرين اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ آفت جي صورتحال جو تجزيو ڪرڻ جي لاءِ پهرين، اها ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ جن علائقن ۾ آفت آئي آهي جيڪڏهن اتان جا ماڻهو روايت پسند هجن تہ آبادڪاري ۽ ٻيهر تعمير وارو مرحلو مشڪل ٿي ويندو آهي، عورتن کي پنهنجن حقن جي ڄاڻ نہ هوندي آهي ۽ ان سبب جي ڪري ئي سندن استحصال بہ وڏيڪ ٿيندو آهي. وڏيڪ اهو تہ آفت کان فوري پوءِ لڏپلاڻ، بحالي جي ڪئمپن ۾ عدم تحفظ ۽ سماجي رسمون عورتن کي مجبور ڪن ٿيون تہ اهي بي وس بڻجي مردن جون فرمانبردار بڻجي وڃن. اهڙي صورتحال ۾ تشدد کي ذاتي معاملو سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ جو مردن کي تشدد ڪرڻ جي سماجي آزادي هوندي آهي ۽ گهڻي ڀاڱي تشدد جا اهڙا واقعا رپورٽ بہ نہ ڪيا ويندا آهن.

## وڏيڪ خطري جي منهن ۾

- اڪيليون عورتون
- نوجوان ڇوڪريون
- مهاجر مزدور
- عارضي رهائش گاهن/گهرن ۾ ماڻهو
- معذور عورتون/ ڇوڪريون

## سونامي مان حاصل ٿيل تجربا

- تشدد ۽ گارگند ذاتي معاملا تصور ڪيا وڃن ٿا.
- مرداڻي تشدد جو سزا کان مٿانهون هئڻ سماجي طور تي قبول آهي.
- ڇوڪريون گهڻو ڪري تابعداري ۽ ماتحتي واري ماحول ۾ تربيت حاصل ڪن ٿيون.
- ڇوڪريون استحصال جي حوالي سان وڏيڪ غيرمحفوظ هجن ٿيون ۽ ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ اهي پنهنجي حقن کان بہ گهٽ واقفيت رکن ٿيون.

تشدد جي واقعن کي عام طور تي فلاحي ڪارڪنن جي صنفي ضرورتن تي توجهه نه ڏيڻ سان ڳنڍيو ويندو آهي. وڌيڪ اهو ته گهٽي آبادي واريون پناهه گاهون جتي نه پاڻ خانا موجود هوندا آهن ۽ نه ئي روشني جو جوڳو بندوبست هوندو آهي. اتي پردي جا معاملا پڻ واضح طور اڀري سامهون ايندا آهن. تنهن جي باوجود اهو واضح ڪري ڇڏڻ گهرجي ته جنسي ۽ صنف تي ٻڌل تشدد ئي واحد مسئلو ناهي پر هر قسم جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏنو وڃي.

- معلومات جي ڏي وٺ سان
- عارضي پناهه گاهن ۾ تحفظ کي يقيني بڻائڻ سان
- معاشي ذريعن جا موقعا مهيا ڪرڻ سان
- نفسياتي ۽ سماجي امداد مهيا ڪرڻ سان
- صحت، صفائي ۽ پاڻي جي نيڪال جو بهتر انتظام ڪرڻ سان

## آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ هيٺ ڄاڻايل چئلينج درپيش هوندا آهن:

- جيڪو ڪجهه پهرين ڪان ٿي رهيو آهي ان ڪان ئي شروع ڪيو وڃي. ۽ صنفي آگاهي، عورتن ۽ ڇوڪرين جي بااختياري ۽ صنفي تشدد کان بچائڻ جي لاءِ نوان منصوبا ناهيا وڃن.
- بحالي جا ڪم ڪندڙ حڪومتي اهلڪارن ۾ صنف جي متعلق غير محفوظ هجڻ وارن امڪانن ۾ گهٽتائي لاءِ احتساب جي نظام کي مرڪزي اهميت ڏني وڃي.
- مثبت ثقافتي روايتن کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ انهن ڪمن جي سلسلي ۾ فوري ۽ وچولي ردعمل جي طور تي آگاهي فراهم ڪئي وڃي جيڪي عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ نقصان ڪار ٿي سگهن ٿا.
- ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته سمورا بحالي جو ڪم ڪرڻ وارا ادارا پنهنجي تعداد کي وڌائين ته جيئن متاثر ٿيل مقامي آبادي جي صنف سان لاڳاپيل تڪليف کي گهٽ ڪري سگهن.

## عورتن ۽ ٻارن ۾ جسماني ۽ نفسياتي زخمن يا ڏکن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ امداد هيٺ ڄاڻايل طريقي موجب هجڻ گهرجي:

- فوري ضرورتون
- وچولي مدت واريون ضرورتون
- ڊگهي عرصي واريون ضرورتون

عورتن لاءِ محفوظ جڳهه جي مقرري عورتن جي بحالي جي سرگرمين ۾ هڪ اهم سرگرمي ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ جو ان سان انهن جي اثرائتي طريقي سان مدد ٿيندي آهي ۽ اهو ته اهي پنهنجو پاڻ کي محفوظ تصور ڪري سگهن، پنهنجن تجربن جي هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ڪري سگهن. روزاني جي

مسئلن تي هڪ ٻئي سان مشورو ڪري سگهن، هڪ ٻئي جي ڏک تڪليف کي سمجهي سگهن ۽ بنيادي طور اها هڪ اهڙي جڳهه هجي جتي اهي پاڻ رهڻ چاهين.

ڪرن پاٿيه UNFPA جي صنفي ۽ سماجي توڙي ثقافتي تحقيقاتي ايجنسي ۾ مبصر طور فرض انجام ڏئي رهي آهي. ان وٽ سونامي سان متاثر ٿيل ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو تجربو آهي. هن اهڙا منصوبا بہ تيار ڪيا آهن جن ۾ عورتن تي امڪاني صنف تي ٻڌل تشدد جي خطرن ۽ ڏکن يا زخمن جو جائزو ورتو ويو آهي.






آبادڪاري ۽ ٻيهر تعمير

# هڪ مسلسل پسمنظر ۾

ٽيرس ٻيسلر ڪوگا جو چوڻ آهي ته آفت ڪانپوءِ ٻيهر تعمير ۽ آبادڪاري ۾ نه رڳو شروع وارن مرحلن جي مقصدن کي نظر هيٺ رکيو وڃي پر ان ۾ آفت اچڻ کان پهرين جا جيڪي معيار آهن ،انهن کي بهتر ڪرڻ جو جيڪو مقصد آهي اهو به شامل هجڻ گهرجي.

ڪنهن به ملڪ ۾ سول سوسائٽي ۾ آفت ۽ ٻيهر تعمير جي عمل ڪانپوءِ عام طور تي تبديلي ايندي آهي، ان جي ڪري ڪنهن قدر تي آفت يا هٿياربند ويڙهه جي علائقن ۾ جيڪو بهترين بحالي ۽ ٻيهر تعمير جو ڪم ڪيو ويندو آهي، ان ۾ ترقي جا مقصد حق ۽ ذميواريون پهرين ئي مرحلي سان هجڻ گهرجن.

ترقي جو مثال ڪٽي ڏسو جتي ڪيترائي سال پهرين زلزلو آيو هو. سول سوسائٽي ۽ انسان دوست تنظيمون آفت بعد ٻيهر متحرڪ ٿيون ۽ انهن جي طاقت توڙي اثر اجان تائين محسوس ڪيا پيا وڃن. اهڙي طرح گهڻن ئي ملڪن معاشري ۾ تبديلي ۽ ڊگهي عرصي وارن اثرن جو تجربو ڪيو. پاڪستان ۾ 8 آڪٽوبر ڪانپوءِ تباهي جي صورتحال کي ڏسندي اها ڳالهه دلچسپي جو سبب هوندي ته ڇا ٻيهر تعمير

جو اهڙو ئي تجربو متاثر ٿيل علائقن ۾ ڪيو ويندو؟ ڪهڙي شيءِ تي بحث ٿئي. ڪهڙي جي منصوبابندي ٿئي ۽ ڪهڙي شيءِ جو دستاويز تيار ڪيو وڃي.

ٻيهر تعمير جي عمل ۾ معاشرتي رسمون برابري جا مسئلا ۽ ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ (ڪميونٽي موبلائيزيشن) جي لاءِ ڪليل موقعا موجود آهن. ٻيهر نئين سر تعمير پاڻ سان گڏ گهڻن ئي ماڻهن ۽ ايجنسين کي گڏ ڪري ٿي، جن جا ارادا ۽ مفاد الڳ، الڳ هجن ٿا. ان جي ڪري هن عمل ۾ بهتر ڪارڪردگي ۽ مقابلو اٽتر آهي. اين جي اوز کي حڪومتي، غير سرڪاري، مقامي ۽ بين الاقوامي ڪردار جي عمل ۽ اثر انگيزي کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. پاليسي تي اثرانداز ٿيڻ جي لاءِ مقامي سطح جي غير سرڪاري تنظيمن، جوابداري واري طريقيڪار کي شفاف ٺاهڻ ۽ انساني حقن تي عملدرآمد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. غير سرڪاري تنظيمن لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهي مقامي مخلص ۽ غير ملڪي ماڻهن جي چوندڪن جيڪي خدشن جي باري ۾ آواز اٿاري سگهن ۽ مقامي سول سوسائٽي کان معلومات حاصل ڪري سگهن.

هنگامي حالتن، جنگين ۽ لڙاين جي سالن کان پوءِ بہ صدمي جون نشانيون باقي رهنديون آهن. شروع کان ئي زخم متاثڙ، انصاف ۽ امداد جي طريقيڪار تي ڌيان ڏنو وڃي تہ جيئن مسئلن کي سمجهي سگهجي ۽ انهن کي درست ڪري سگهجي. پاڪستان ۾ پهريون کان ئي واضح ٿيڻ شروع ٿي ويو هو تہ زلزلي ۽ زلزلي جي ردعمل ۾ پئدا ٿيندڙ نفسياتي پيچيدگين ۽ ذريعن تي گهٽ ڌيان ڏنو پيو وڃي.

اهڙي صورتحال ۾ تعليم وڏو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هٿياربند ويڙهہ ۽ قدرتي آفت ڪانپوءِ اسڪول ئي اهڙيون جايون آهن، جتي بدامني جي صورتحال ۾ امن ۽ عقل توڙي دانش ميسر هوندي آهي. هٿياربند ويڙهہ وارن علائقن ۾ پهريون قدم اهو ٿي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن کي هٿيارن جي ڊپو جي طور تي استعمال ڪيو ويو هجي تہ انهن کي واپس بحال ڪيو وڃي. قدرتي آفتن جي علائقن ۾ بہ اسڪول جي انفراسٽرڪچر کي بحال ڪرڻ جو تجربو بہ تبديلي آڻي سگهي ٿو. ان ڪري ٻيهر تعمير جي بنيادي مسئلن جي باري ۾ فيصلي ۽ پاڻي جي فراهمي وغيره جي لاءِ استادن ۽ مقامي آبادي جي ماڻهن کي بہ اهم فيصلي سازي جي مرحلي ۾ شامل ڪيو وڃي. ان جي ڪري مقامي سطح تي شراڪتي سوچ واري فيصلي سازي ۾ موقعو ملندو آهي. حقيقت ۾ آفت ڪانپوءِ ڪنهن قسم جي پروگرام يا مداخلت جي لاءِ ايجنسين کي سڀ کان پهرين آفت سٽيل علائقن ۾ مقامي نظام کي سمجهڻ گهرجي.

**ٽيرس بيسلر ڪوگا ايجوڪيشن، سپورٽ پروگرام Ljubljana آفس اوپن سوسائٽي انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر آهي.**

"اسان جي تباهہ ٿيل اسڪولن جون عمارتون ٻيهر ٺاهي ڏيڻ واريون اسان جون درخواستون آسانيءَ سان نظرانداز ڪيون ويون هيون. شاگردياڻين جي موت جو ڪنهن کي ذميوار قرار ڏنو ويندو جيڪي انهن عمارتن هيٺان دٻجي فوت ٿي ويون؟"

ٻڙهي حبيب الله جي ڇوڪرين جي اسڪول جي هڪ شاگردياڻي رابعہ سوال ڪيو جتي 200 کان وڌيڪ شاگردياڻيون جيئريون دفن ٿي ويون هيون. امداد پهچڻ کان اڳ رابعہ پاڻ ملبي هيٺان ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت تائين ڦاٿل هئي.

ڊان/آئي پي ايس




# زلزلي کانپوءِ جي صورتحال کي سمجهڻ

زلزلي کان فوري بعد ۾ عورتن تي ڪئمپن ۾ تشدد، جنسي زيادتي، مستقبل جي حوالي سان عدم تحفظ، روزگار جي خاتمي ۽ ٻين اهم ترين مسئلن بابت پنهنجي خوف جو اظهار ۽ بحالي ۽ انساني همدردي جي ايترين گهڻين ڪوشش باوجود عورتن جي گهڻي قدر مسئلن تي ڌيان نہ ڏنو ويو. ظلم جو نشانو بڻجندڙ عورتن جي بيانن کي سينئر صحافين ۽ انساني حقن جي ماهرن رپورٽ ڪيو آهي ۽ زلزلي ۾ بچي ويل عورتن جي ضرورتن جو تعين، جيڪو مظفرآباد ۽ مانسهره ۾ ماهرن ڪيو هو، ان تي پڙ هن حصي ۾ بحث ڪيو ويو آهي.



APP




فوري ضرورتن جو تعين

# ڪئمپن مان اٿندڙ صدائون

**”جيئرو بچي ويل عورتن جي ضرورتن جي فوري تجزئي“ عورتن بابت مسئلن کي نه صرف واضح ڪيو پر زلزلي جي نتيجي ۾ مثبت نتيجا به پيش ڪيا.**

8 آڪٽوبر تي پاڪستان جي اترين علائقن ۾ آيل زلزلي جي نتيجي ۾ 86 هزار ماڻهو فوت ٿيا. سوين ماڻهو زخمي ٿيا ۽ 35 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. پاڪستان ۾ هاڻوڪن سالن دؤران آيل زلزلو بدترين قدرتي آفت آهي. تباهي کي درست حالت ۾ آڻڻ لاءِ لڳ ڀڳ 10 سال لڳندا.

8 آڪٽوبر تي اهو زلزلو پاڪستان جي صوبي سرحد ۽ آزاد ڪشمير جي 12 ضلعن ۾ آيو ۽ ان جو اثر 30 هزار چورس ڪلوميٽرن تائين محسوس ڪيو ويو. آزاد ڪشمير جي گادي واري هنڌ، مظفر آباد ۽ ٻين نندين ضلعن جهڙوڪ باغ ۽ راولا ڪوٽ ۾ وڏيڪ تباهي آئي. صوبي سرحد ۾ بالاڪوٽ مڪمل طور تباهه ٿي ويو هو. سرڪاري ذريعن موجب ڪيترا ئي ڳوٺ ڌرتي تان مٽجي ويا. اقوام متحده

جي ترقياتي پروگرام (UNDP) جي اندازي مطابق آزاد جمون ڪشمير ۾ 84 سيڪڙو ۽ صوبي سرحد ۾ 36 سيڪڙو گھر تباھ ٿيا.

سردي جي موسم صورتحال وڌيڪ سنگين ڪري ڇڏي. يونيسيف ان ڏس ۾ خبردار ڪيو ھو تہ ھڪ محتاط اندازي موجب 10 ھزار ٻارڙا بک ۽ ٻين وبائي بيمارين سبب مري سگھن ٿا. جڏھن نومبر ۾ سردي جي موسم جي پھرين برف باري شروع ٿي تہ نمونيا جي ڪري ٻہ موت واقع ٿيا. ان ڳالھ جو بہ ڊپ پيدا ٿيو تہ سخت سيءُ ۽ علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ زخمي بہ مري ويندا. تنھن ڪري سڀ کان پھرين ان ڳالھ جي ضرورت ھئي تہ جيئرو بچي ويل ماڻھن کي عارضي پناھ گاھون مھيا ڪيون وڃن.

زلزلي جو شڪار ٿيندڙ ماڻھن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سول سوسائٽي تنظيمون ۽ شھري رقم گڏ ڪري ترڪن ۾ بحالي جو سامان کڻي متاثر علائقن ۾ پھچي ويا. ماڻھن جو ردعمل ڏسڻ وٽان ھو ۽ ايسٽائين جو معروف صحافي احمد رشيد لکيو تہ سول سوسائٽي جو اھو جذبو 1965ع ۾ ڀارت خلاف جنگ کانپوءِ ھيل تائين نہ ڏٺو ويو ھو جنھن ۾ پوري قوم متحد ٿي وئي ھئي.

عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم جي طور تي شرڪت گاھ خاص طور تي جيئرو بچي ويل عورتن جي ضرورتن کي پورو ڪيو. زلزلي بعد ڊسمبر ۾ "جيئرو بچي ويل عورتن جون ضرورتون ۽ ان جو فوري تجزيو" جي عنوان ھيٺ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. ان جو مقصد ٽيمن کي عارضي ڪئمپن ۾ صنف جي بنياد تي خطرن جو اندازو ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ ھو. انھن ٽيمن ۾ ھيٺ ڄاڻايل 6 تنظيمون: شرڪت گاھ، سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن، سينٽر فار ھيلٿ اينڊ پاپوليشن اسٽڊيز، عمر اصغر خان ڊولپمينٽ فائونڊيشن، خوندوڪور ۽ PAVHNA جا ملازم شامل ھئا. شرڪت گاھ آغا خان جي ڊپارٽمينٽ آف ڪميونٽي سائنسز سان گڏجي خطرن جو اندازو لڳائڻ لاءِ PRA جي فوري تجزيي جو فريم ورڪ تيار ڪيو.

ورڪشاپ کان جلد ئي پوءِ بہ، ٽي ٽي ميمبرن تي ٻڌل ٽيمون جوڙيون ويون ۽ ھر ٽيم مظفر آباد ۽ مانسھره [1] ۾ عارضي پناھ گاھن اندر فوري ضرورتن جي باري ۾ جائزو ورتو. ٽيمن 350 ماڻھن جا انٽرويوز ڪيا. جن مان 90 سيڪڙو عورتون ھيون ۽ 64 سيڪڙو ماڻھن [2] جا تفصيلي انٽرويوز ڪيا.

## ٽيمن عورتن کي درپيش ھيٺ ڄاڻايل مسئلن جي نشاندھي ڪئي:

- **پھرين کان موجود رڪاوٽون اجان وڌي ويون:** لڏپلاڻ، جسماني زخم ۽ معذورين سبب عورتن جو مردن تي انحصار وڌي ويو. ڪئمپن ۾ عورتن جي چرپر محدود ھجڻ ڪري پڻ انھن جو مردن تي انحصار وڌي ويو. ان ڪوٺ جي ڪري عورتن جي بحالي ۽ اِمداد تائين پھچ بہ محدود رھي.

1. علائقن جي فھرست: ايبٽ آباد، بنڌھ صاحب خان، چانگي والا، مظفر آباد: ديوان ڪيمپ، ٽوڙي پارڪ، مانسھره: ڪشمير ڪالوني 1 ۽ 2، پمپوره، منھاج ويلفيئر ڪيمپ ۽ ٽينٽ اسپتال.
2. جواب ڏيندڙن جي معلومات: جواب ڏيندڙن جو ڪل تعداد 350، FGDs جو ڪل تعداد 27 (4 کان 12 شرڪت ڪندڙ) تفصيلي انٽرويو 64 (گھٽ ۾ گھٽ ھر ڪيمپ جي ھڪ انتظام ھلائيندڙ کان) سوشل ميپ 4 نيٽ ورڪ ڊائيگرام: 1 اور اندر وارو ڊائگرام: 1

چاڪاڻ جو بحالي جي شين جي حاصلات لاءِ عورتون قطار ۾ بيٺل وڙهندڙ مردن سان گڏ بيهي نه سگهنديون هيون.

- **عدم تحفظ ۾ اضافو:** هڪ عورت جيڪا زخمي ٿي هئي ۽ معذور پڻ. ان خدشو ڏيکاريو ته سندس مڙس ڪيس ڇڏي ڏنو آهي ۽ اهو واپس نه ايندو. سمورين عورتن ڪي پنهنجي ڏيئرن جي شادين، ٻارن جي تعليم ۽ معاشي ذريعا ختم ٿيڻ جو فڪر لڳل هو. اٽجاڻ صورتحال ۾ زندگي گذارڻ جو خوف شديد هو. ان جي ڪري ڪيترين ئي عورتن پنهنجي جوان ڏيئرن سان گڏ ڪئمپن ۾ رهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪئمپن اندر پنهنجي مائٽ مردن هٿان تشدد جي ڪري خوف وارو ماحول هو. انٽرويو دؤران مردن ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته هو هر وقت اهو سوچيندا رهندا آهن ته پنهنجي عورتن جي حفاظت ڪهڙي ريت ڪن. زال مڙس , والدين ۽ ٻارڙن جي تعلق ۾ جذباتي عدم تحفظ جي ڪري ڇڪتاڻ ڏٺي وئي ۽ ان ۾ هڪ سبب نجي سرگرمين جو نه هجڻ پڻ هو.
- **توليدي صحت جون نه پوريون ٿيڻ واريون ضرورتون:** جيڪي مائرون پيٽ سان هيون، انهن جي صحت تي غذائي ضرورتن جي پورو نه هئڻ جي ڪري برو اثر پيو. انهن پنهنجي توليدي صحت جي ضرورتن جي پورو نه هجڻ جي شڪايت ڪئي. داين جي موت ۽ ٻارن وارين داين جي صحت جي ڪري مسئلا وڌيڪ خراب ٿي ويا. عارضي پناهه گاهن ۾ رهندڙ عورتن پنهنجي ماهواري جي پيچيدگين جي پڻ شڪايت ڪئي. حمل ضايع ٿيڻ وارين دوائن جو موجود نه هئڻ پڻ هڪ مسئلو هو.
- **پاءِ خاني ۾ اٹپوريون سهولتون:** پاءِ خاني جو استعمال روزانو جو مسئلو ۽ تڪليف هئي. عام طور تي ڪئمپ جي هڪ ڪنڊ ۾ هجڻ ڪري پاءِ خاني جو تعداد اٹپورو هو. پوري ڪئمپ مان گذري وڃڻ ڪري عورتون اڪثر طور تي شرمندگي محسوس ڪنديون هيون ۽ اهي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ان وقت تائين وڃي نه سگهنديون هيون جيستائين انهن سان ڪير گڏ نه ويندو هو. ڪن حالتن ۾ عورتن لاءِ پاءِ خانا مرداٹن پاءِ خانن جي اڳيان ٺاهيا ويا هئا ۽ عورتن کي مردن مان گذري وڃڻو پوندو هو. ان ڪري عورتون وڏي شرمندگي محسوس ڪنديون هيون. حراسان ڪرڻ جون شڪايتون به عام هيون.
- **صحت ۽ صفائي جون ضرورتون:** ڪنهن به ڪئمپ ۾ عورتن لاءِ وهنجڻ جو انتظام نه هو. عورتن جي ذاتي ضرورتن جهڙوڪ سينيٽري نيپڪنز ۽ ڪپڙا ميسر نه هئا يا انهن جي سپلائي گهٽ هئي يا اهي غير مناسب طريقي سان ورهايا ويا ٿي. بال صفا ڪريم ورهائڻ جو خيال ڪنهن کي نه آيو. عورتن موجب صفائي لاءِ بال صفا ڪريم نهايت ضروري هئي. ڪئمپ ۾ مرد سپروائيزر مقرر ٿيل هجڻ ڪري پڻ ڪافي مسئلا هئا. ڇوجو اهي عورتن جي بنيادي ضرورتن کان ڪافي بي خبر هئا.
- **هرجاٹو:** شناختي ڪارڊ گم ٿي وڃڻ ۽ ٻين علائقن ۾ جتي مرد حضرات رجسٽرڊ ٿي ويا هئا. اتي

هر جاٽي جي حصول ۾ عورتن کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو.

## حالتن کي منهن ڏيڻ جو طريقيڪار

ڪئمپن ۾ رهڻ وارين عورتن جي مسئلن جو تفصيلي جائزو وٺڻ کان پوءِ فوري ضرورتن جو جائزو ٽيمن جيئرو بچي ويلن لاءِ ڪجهه تجويزون مرتب ڏنيون. مثال طور جسماني ۽ زباني خوف کان بچڻ لاءِ عورتن لاءِ تجويز ڪيو ويو ته اهي پنهنجي خاندان جي مردن يا بزرگ عورتن سان گڏ ٻاهر نڪرن يا اهي گروپ جي شڪل ۾ نڪرن. عورتن کي چيو ويو ته صحت جي ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال ۾ ڪئمپ انتظاميه سان رابطو ڪن. دراصل سوشل نيٽ ورڪ تي پاڙڻ تي زور ڏنو ويو.

## عورت دوست جايون

غم واري صورتحال ۾ بحالي لاءِ ڪم ڪرڻ وارا ڪارڪن ڪئمپن مان ڪاميابي جون مثبت پر انتهائي گهٽ ڪهاڻيون به وٺي آيا. اهي خاص طور عورتن جي دوست جاين جون جهلڪيون هيون جتي عورتن کي ٿانءُ ڌوئيندي، ٻاٽي پريندي، مٿو ڌوئيندي، ٻارن کي کليل جڳهه تي راند ڪندي ۽ ڪجهه مردن کي ايندي ويندي ڏٺو ويو هو.[3]

عارضي پناهه گاهون جيڪي انهن جي ڳوٺ جي ماڊل تي ٺاهيون ويون هيون (خيمن ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ وارا آباد هئا) ۽ اهي ان سبب جي ڪري ڪامياب هيون جو ان جي اندر رهندڙ ڪنهن حد تائين آرام محسوس ڪري رهيا هئا. عورتون پنهنجو ڪاڏو پچائينديون هيون. پنهنجي ٻارن کي اسڪول اماڻينديون هيون ۽ ڪرافٽ سازي جو هنر به سکي رهيون. هتي طبي سهولتون آساني سان ميسر هيون. بجلي جي سپلائي مسلسل هئي ۽ پاءِ خانو به صاف رکيو ويندو هو.

ائين گهٽي پاڳي انهن جڳهن تي هو جتي سيڪيورٽي جو ايڏو وڏو مسئلو نه هو (هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ وارن جو گهڻو تعداد موجود هو) ان سبب جي ڪري ته انتظاميه عورتن جي ضرورتن کي پورو ڪري رهي هئي. اهڙي ئي هڪ آبادي ۾ هڪ مرد کي انتظاميه ملازمت کان ان ڪري فارغ ڪري ڇڏيو هو ڇاڪاڻ جو هن هڪ نوجوان عورت سان بدتميزي ڪئي هئي.

## مثبت نتيجا

آزاد ڪشمير ۾ پنج گران جي دوري جي موقعي تي ٽيم کي ٻڌايو ويو ته زلزلي جي صدمي جي

3. هي مشاهدا ايبٽ آباد ۾ بنده صاحب ڪيمپ جي دوري دوران ڪيا ويا.

ڪري مردن کي عورتن جي ضرورتن جو وڌيڪ احساس ٿيڻ لڳو. اهي عورتن سان حال احوال ڪرڻ تي پڻ تو پيو ته هاڻ مرد حضرات ٻارن جو پهرين کان وڌيڪ فڪر ڪرڻ لڳا هئا. هڪ عورت ٻڌايو ته زلزلي جي ڪري سندس مڙس رحمدل ٿي ويو آهي.

## محفوظ جايون

ڪرن پاٿيه جي سونامي کان پوءِ وارن تجربن ۽ فوري ضرورتن جي ضرورتن جي رپورٽ جي مطالعي کانپوءِ شرڪت گاه عورتن لاءِ محفوظ جايون ناهڻ لاءِ هڪ تجويز ڏني. ان تجويز جو مقصد عورتن کي اهڙي جاءِ فراهم ڪرڻ هو جتي کين نه صرف زندگي جون ضرورتون ميسر هجن پر هڪ اهڙي جڳهه هجي جتي اهي اهڙا ڪم ڪري سگهن جن جي انهن جي خيال ۾ اهميت هجي. UNFPA جي فنڊ جي ذريعي شرڪت گاه، سنگي ۽ عمر اصغر خان ڊولپمينٽ فائونڊيشن سان ملي ڪري مانسهره ۽ مظفرآباد ۾ عورتن جي لاءِ محفوظ جاين جو پائلٽ پراجيڪٽ شروع ڪري رهي آهي.

**(شرڪت گاهه جي رپورٽ)**



Shirkat Gah



Internet

عورتن خلاف تشدد

# ڏيجي ويل حقيقتون

**ڪاملہ حيات موجب: جيتوڻيڪ پاڪستان جي زلزلي سبب متاثر ٿيل علائقن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن تشدد جي واقعن بابت تمام گهڻيون شڪايتون ڪيون هيون پر ان سلسلي ۾ سرڪاري سطح تي ۽ ابلاغي ذريعن ۾ اهو مسئلو ايترو گهڻي اهميت حاصل نہ ڪري سگهيو آهي.**

گهڻن ئي رضاڪارن ۽ اين جي اوز جي ڪارڪنن، طبي ماهرن ۽ ٻين جن مانسهره، ٻٽگرام ۽ آزاد ڪشمير جي زلزلي متاثر علائقن ۾ وقت گذاريو انهن ڪي عورتن طرفان گهريلو تشدد جون شڪايتون مليون تنهن هوندي ان ڏس ۾ سرڪاري سطح تي اطلاعاتي ذريعن ۾ گهڻو معمولي توجهہ ڏنو ويو.

حقيقت ۾ اين جي اوز ۽ بين الاقوامي ادارا جيڪي بحالي ۽ آبادڪاري جي گهڻي وڏي ڪم ۾ حصو وٺي رهيا هئا. انهن جي ڪيترين ئي گڏجاڻين ۾ ان قسم جو رجحان ڏنو ويو تہ مشڪل پيدا ڪرڻ



Internet

وارا مسئلا جھڙوڪ آبروريزي، اغوا، عورتن جي تجارت ۽ گھريلو تشدد جنھن جو ڪئمپن ۾ ٽڪيل زلزلي سبب متاثر ٿيل عورتون شڪار ھيون، انھن کي سوچي سمجھي ڪري نظرانداز ڪيو پيو وڃي. اھو بہ واضح ھو تہ اھڙيون عورتون ئي انھن مسئلن جو شڪار ھيون جن جا مڙس يا خاندان جا مرد سربراھ زلزلي ۾ فوت ٿي ويا. انھن جو انحصار مرد رشتيدارن تي ھو جنھن سان اھو خطرو وڌي ويو ھو تہ انھن عورتن ۽ سندن ٻارن جو مختلف طريقن سان استحصال ٿيندو. ڪجھ رپورٽن ۾ عورتن جي جائيداد جي نقصان جو ذڪر ڪيو ويو جن کي ڳوٺ جي ٻين ماڻھن ۽ رشتيدارن ھڙپ ڪري ورتو ھو. ٻين صورتن ۾ عورتن جي پيءُ ڏاڏي جي جائيداد مان حصي ۽ تباھ ٿيندڙ گھرن جي معاوضي جي دعوي جي باري ۾ سوال ڪيا ويا. اھا حقيقت آھي تہ جيڪڏھن زمين جي ملڪيت جو دستاويزي ثبوت نہ ھجي تہ اھا شيءِ عورتن لاءِ مشڪلات پئدا ڪري ٿي ۽ خاص طور تي انھن جي اھڙين مشڪلاتن ۾ اضافو ٿيو جڏھن انھن کي موسمي صورتحال يا حفاظتي انتظام نہ ھجڻ جي ڪري پنھنجي جائيداد کي ڇڏي ڪري ڪئمپن ۾ اچڻو پيو.

جيڪي ڪارڪن ان صورتحال کي ڄاڻندا ھئا انھن ان خدشي جو اظھار ڪيو تہ اھڙيون عورتون ۽ انھن جي ٻارن کي جنسي تشدد، زبردستي جي مزدوري ۽ بنيادي انساني حقن جي ٻين خلاف ورزين کي سامھون ٿيڻو پئجي سگھجي ٿو.

اھي مسئلا جنھن جو بين الاقوامي ايجنسين جي چارٽر ۾ باقاعدي ذڪر ڪيو ويو آھي انھن کي ايترين بي قاعدگين سان ڇو پيش ڪيو ويو آھي. اھا ڳالھ سمجھ کان مٿاھين آھي. سڀ کان پھرين تہ انھن اھو نٿي ڪرڻ چاھيو تہ انھن جا تعلقات زلزلي سبب متاثر ٿيل علائقن ۾ حڪومت ۽ فوج سان خراب ٿين. انھن ان خدشي جو اظھار ڪيو تہ اھڙا معاملا جيئن عورتن تي تشدد کي سامھون آڻڻ سان بحالي جي ڪوشش ۾ مشڪلاتون پيدا ڪري سگھيا ٿي ۽ انھن جي تمام وڌي ڪم کي ھو وڌيڪ پيچيده ڪري پيا سگھن. ٻين جو خيال ھو تہ تمام گھٽيون تڪليفون جيئرو بچي ويل ماڻھن جي گھرن جي تعمير ۽ انھن جي آبادڪاري جي سلسلي ۾ درپيش ھيون. ان ڪري انھن اھو بھتر سمجھيو تہ اختلافي مسئلن کي نہ ڇيڙيو وڃي.

ان جي بدلي ۾ پاڪستاني فوج ۽ حڪومت جي ڪمن ۾ شامل ٻيون ايجنسيون تشدد جي واقعن کي لڪائيندڙيون رھيون. ان جو نتيجو اھو نڪتو جو جن تنظيمن آبروريزي ۽ عورتن کي ڊيڄارڻ ڌمڪائڻ جي واقعن کي حڪومت جي نوٽيس ۾ آڻڻ جي جرئت ڪئي تہ انھن کي پيار محبت ۾ يا

زبردستي خاموش ڪرايو ويو ۽ جڏهن انهن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته کين ڪيمپن ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويو يا وري انهن کي ڪم ڪرڻ وارن علائقن مان نيڪالي ڏني وئي.

زلزلي سان متاثر ٿيل علائقن ۾ جن اين جي اوز بين الاقوامي ادارن آبروريزي جا ڪيئي واقعا رپورٽ ڪيا، انهن کي بعد ۾ رپورٽون ڏيڻ کان روڪيو ويو. ڪن حالتن ۾ جن عورتن شڪايت ڪئي هئي ته انهن کي به ڳالهه ڪرڻ کان منع ڪئي وئي. اهو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته جنسي تشدد جا اهڙا بيشمار واقعا ٿي سگهن ٿا جن جي باري ۾ يا ته رپورٽ نه ڪيو ويو يا ڪيمپ انتظاميه فوج يا پوليس انهن واقعن کي دبائي ڇڏيو.

اهو به سچ آهي ته عورت رضاڪار ۽ ڪارڪنن جو نسبتن گهٽ تعداد زلزلي سان متاثر علائقن جي عورتن جي آواز ۽ خدشن کي نٿي پهچائي سگهيون. زيادتي جو شڪار ٿيڻ وارين عورتن جي وڏي تعداد کي اهو به پتو نه هو ته شڪايت ڪنهن آڏو ڪرڻي آهي ڇو جو جيڪي چند شڪايت مرڪز ٺاهيا ويا هئا اهي فوج جي انتظام هيٺ هئا.

يقيني طور مردن جي ٽيمن جيڪي سروي ڪيون انهن جا نتيجا عورت ٽيمن جي ڪيل سروي نتيجن کان گهڻو مختلف هئا. عورتن جي پهچ اهڙي صورتحال ۾ وڌيڪ هوندي آهي ۽ ظلم زيادتي جو شڪار ٿيندڙ عورتون تشدد جي واقعن بابت عورت ڪارڪنن کي آساني سان ٻڌائي ڇڏينديون آهن.

جڏهن ته اها ڳالهه واضح آهي ته اهڙا تڪليف ڏيندڙ واقعا رونما ٿيا. هڪ اهڙو ئي واقعو جيڪو لاهور ۾ رونما ٿيو ۽ پريس ۾ به رپورٽ ٿيو. اهو واقعو 18 سالن جي عجيبه جبين بابت آهي جيڪا ميو اسپتال ۾ علاج هيٺ هئي. عجيبه تحريري بيان ۾ الزام لڳايو ته ڊسمبر 2005ع تي سرجن ڊاڪٽر مسعود حسين ڪيس علاج دوران زيادتي جو نشانو بڻايو هو. ڊاڪٽر کي گرفتار ڪيو ويو ۽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. ڪيس جي ٻڌڻي دوران عجيبه پراسرار طور تي الزام واپس وٺي ڇڏيا. هن ٻڌايو ته هڪ اخبار جي رپورٽر جي چوڻ تي هن ائين ڪيو هو عجيبه کي هڪ مولوي اسپتال وارڊ مان ڪڍي پنهنجي گهر وٺي ويو جنهن دعويٰ ڪئي ته هو ان جو ويجهو عزيز آهي. ڪيترن ئي ڏينهن جي دير ڪانپوءِ عجيبه کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو.


Internet

اها ڳالهه به عام ٿي هئي ته ڊاڪٽر مسعود حسين جي ساٿي ڊاڪٽرن ڊرامو رچايو هو ۽ اسپتال جي سياست ۾ عجيبه کي استعمال ڪيو ويو. جڏهن ته حقيقت ڪجهه به هجي اها ڳالهه واضح آهي ته لاڳاپيل ڊاڪٽر اخلاقيات ۽ ڊاڪٽر توڙي مريض جي تعلقات جون سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون هيون. ڊاڪٽر عدالت

۾اعتراف ڪيو هو ته هو عجيب ڪي وٽي ڊگهي سفر تي ويو هو. ڪمري ۾ ان سان اڪيلائي ۾ ملاقات ڪئي. ان کي ڪاڏو ڪارايو. ان سڀ ڪجهه مان پتو پيو ته ڊاڪٽر ڇوڪريءَ جي جذبات سان ان وقت راند ڪيڏي جڏهن اها پنهنجي سهيلين ۽ گهر وارن کان پري هئي.

ان وقت کان وٺي اڄ تائين عجيب جبين جي باري ۾ڪجهه معلوم ناهي ۽ ان واقعي جي باري ۾ اڃان تائين شڪ شبها خيال ڪيا ويندا آهن. زلزلي کانپوءِ شروع جي ڏينهن ۾ اسپتالن ۽ ڪيمپن ۾ ڇوڪرين، ٻارن ۽ ڪير پياڪ ٻارن جي اغوا جون رپورٽون درج ڪيون ويون هيون. اسلام آباد ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (PIMS) ۾ اسٽاف ۽ رضاڪارن ٻارن کي وڪرو ڪيو آهي. يا حڪومت جي پابندي باوجود "هنج" ورتو آهي. اهڙيون رپورٽون به آيون هيون ته انساني اسمگلر مظفر آباد ڪيمپ مان ڇوڪرين کي اغوا ڪري کڻي ويا. اهڙين رپورٽن بعد اسپتالن ۾ حفاظتي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا ۽ اهڙن واقعن ۾ گهٽتائي آئي.

انساني اسمگلنگ ۽ اغوا جي ڪهاڻين کانپوءِ جون رپورٽون ڏکيون هيون ۽ حقيقتون زلزلي سان متاثر ٿيل علائقن ۾ بدامني ۽ آه ۽ بڪاء ۾ دٻجي ويون. اين جي اوز جي ڪارڪنن کي ڇيو ويو ته جيتوڻيڪ اغوا جا ڪجهه واقعا پيش آيا هئا پر اهي نه هئڻ برابر هئا. جڏهن ته ڪيمپن ۾ ڪيئي هفتا گذرڻ باوجود ظلم جو نشانو بڻجندڙن کي رجسٽرڊ نه ڪيو ويو ۽ ان ڏس ۾ مشڪلاتن مان پتو پيو ته عورتون ۽ ٻار ظلم جو وڏيڪ شڪار ٿيا هئا.

جسماني ۽ جنسي بدسلوڪي هڪ تمام وڏو خطرو آهي. خاص طور تي عورتن جي تحفظ وارين ضرورتن جي باري ۾ ڪيمپ انتظاميه جي لاعلمي ۽ ٻين قدمن ته ڪهڙي طرح انهن جي عزت ۽ حيثيت کي تحفظ ڏنو ويجي. ان صورتحال کي ڳنڀير بڻائي رکي ڇڏي ٿي. گهريلو تشدد سڀ کان وڏو خطرو آهي. جنهن کي عورتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. بين الاقوامي مانيٽرنگ تنظيمون جن ۾ نيويارڪ جي هيومن رائٽس واچ جي رپورٽ مطابق عام طور تي 80 سيڪڙو پاڪستاني عورتون جسماني، جذباتي ۽ زباني بدسلوڪي تشدد جو شڪار هونديون آهن.

زلزلي کانپوءِ جيئرو رهڻ جي مشڪل صورتحال سان لاڳاپيل گهٽيون ٿي عورتون مايوسي ۽ نااميدي جو شڪار هيون ۽ ڪيمپن ۾ موجود مردن وٽ ڪا به اهڙي سرگرمي نه هئي ان جي ڪري معاملا بد کان بدتر ٿي ويا.

جيتوڻيڪ صورتحال جو تفصيلي جائزو نه ورتو ويو هو پر زلزلي سان متاثر ٿيل عورتن ڪافي حد تائين گهريلو تشدد جي باري ۾ ٻڌايو جنهن سان پتو پوي ٿو ته انگ اکر گهڻو وڌيڪ آهن. عورت ڪارڪنن سان انٽرويو دوران انهن پنهنجي مڙسن جي روين بابت شڪايت ڪئي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ واقعي ۾ اسلام آباد ڪيمپ آفيس ۾ موجود هڪ عورت نوجوان رضاڪار وڪيل سان التجا ڪئي ته هو سندس مڙس کان طلاق ڏيارڻ ۾ مدد ڪري ۽ ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو ته ڳوٺ جي ٻين ماڻهن جي ابتڙ هو ڪيئن جيئرو بچي ويو هو.

ويجهن رشتيدارن پاران ڪيل جسماني تشدد ڪانسواءِ بہ عورتن ڪيمپن ۾ ويجهي جڳهہ تي رهڻ وارن مردن طرفان ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جي بہ شڪايت ڪئي. ڪيمپن ۾ خانگي پاءِ خانو ۽ غسل ڪرڻ جون سهولتون نہ هئڻ جي ڪري صورتحال مسئلن ۾ اضافو ڪيو. مانسره ۽ بٽ گرام ضلعن جي ڪجهہ علائقن ۾ خاندانن يا قبيلن عليحده ڪيمپ لڳائي ورتا هئا تہ جيئن عورتن کي خلوت ۽ تحفظ ميسر ٿي سگهي. ڪن خاندانن جن آلائي، وادي ڪاغان ۽ وادي نيلم ۾ پنهنجا گهر ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. انهن ٻڌايو تہ عورتن لاءِ عدم تحفظ انهن جي فيصلي پويان واحد سبب هو. خاندان جي مرد سان گڏ ٻچي ويل ٻارن ۽ عورتن جا مسئلا پيچيده هئا. انهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ واريون سرڪاري ڪوششون محدود هيون. ضلعي اٽڪ جي هٿيان جي ننڍي ڳوٺڙي ۾ آشيانہ پناهہ گاهہ جنهن کي هڪ مقامي مذهبي تنظيم جنهن کي سوشل ويلفيئر جي وزارت ملي ڪري ٺاهيو هو ان ۾ 300 عورتون ۽ ٻار هئا.

سرڪاري سطح تي انهن جي تحفظ ۽ آبادڪاري جي متعلق هدايتون جاري نہ ڪيون ويون هيون. ڪجهہ رپورٽن ۾ تجويز ڪيو ويو تہ حڪومت جي مسلسل گهٽ ٿيندڙ دلچسپي جي ڪري عارضي پناهہ گاهن ۾ صورتحال بد کان بدتر ٿيندي پئي وڃي. بزرگ عورتن سميت ٻارن جو مستقبل غير يقيني هو.

بحران ۽ ذهني دٻاءُ جي وقت تشدد اجان بہ وڌي ويندو آهي ۽ ان سان عورتون ئي وڌيڪ متاثر ٿينديون آهن. زلزلي جي شروع وارن ڏينهن کان وٺي جڏهن بحالي جون شيون ترڪن کان اڇلايون پئي ويون ان وقت عورتون اهڙي صورتحال کان بري ريت متاثر ٿيون هيون. گروهن جي ڦرلٽ، افراتفري ۽ امداد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ناتجربي ڪار هجڻ جي ڪري عورتن کي ڪيترن ئي هفتن تائين خوراڪ نہ ملي سگهي هئي. ڪجهہ عورتن ٻڌايو تہ انهن بحالي جون جيڪي بہ شيون حاصل ڪيون هيون اهي ڪائنن ڦرجي ويون هيون.


Times

ڪجهہ مهينا گذرڻ بعد صورتحال ۾ بهتري آئي. گهڻين ئي بين الاقوامي تنظيمن، اين جي اوز ۽ بحالي لاءِ ڪم ڪندڙ ٽيمون جيڪي آفت جي وقت عورتن جي مسئلن بابت جاڻ رکنديون هيون تن انهن عورتن جي لاءِ تحفظ ۽ امداد جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ڪتابچا ۽ پوسٽر جن ۾ ظلم جو شڪار ٿيڻ وارن جي تحفظ لاءِ هدايتون هيون،

ورهايا ويا. جڏهن تہ اهڙين ڪوشش جي باوجود عورتن ڪي شديد مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پيو. گهڻين ئي عورتن موجب تحفظ سڀ کان اهم مسئلو هو. تشدد جو خطرو هميشہ موجود هوندو آهي ۽ برف باري توڙي برسات جي ڪري زلزلي ڪانپوءِ بچي ويلن جي مسئلن ۾ اضافو ٿي رهيو هو. ائين لڳي رهيو هو جڻ انهن مان گهڻن جي تڪليفن ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ آئي هئي.


PPI




بي دخلي

# غير محفوظ پناهه گاهون

**عدنان عادل جي رپورٽ: عارضي ڪيمپن ۾ رهندڙ گهٽي پاڳي عورتن جون زندگيون جمود جو شڪار ٿي چڪيون آهن.**

ايبٽ آباد جي ويجهو شهاب دادن ڳوٺ جي 900 خيمن تي ڦهليل وستي ۾ زخمي ريحانه بہ هئي. جنهن ٻڌايو تہ هن جو پاءُ ڪيس علاج لاءِ لاهور وٺي ويو هو پر ڪجهه عرصي بعد هو ڪيس ٻيهر ڪيمپ ۾ ڇڏي هليو ويو.

ريحانه جو 4 مهينن جو پٽ 8 آڪٽوبر جي زلزلي ۾ ضلعي مانسهره جي ڳوٺ ۾ ملبي هيٺ دٻجي فوت ٿي ويو هو. ان کانپوءِ هن جو مڙس ڪيس ۽ ٻنهي ڌيئرن 7 سالن جي نائله ۽ 3 سالن جي شمائله کي ڇڏي هليو ويو.

8 آڪٽوبر جي زلزلي بعد ريحانه جيان گهٽي پاڳي عورتن کي مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻو پيو هو. مثال جي طور تي هزاره ۽ ڪشمير جي علائقن ۾ خيمن ۾ رهڻ وارين عورتن کي اڻپورين سهولتن ۽

خلوت نہ هجڻ جي ڪري بيحد ڏکيائين ڪي منهن ڏيڻو پيو. مظفر آباد جي لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو ڪيمپن مان رڳو هڪ اڌ ڪيمپ اهڙي هئي جتي چوڪيدار گيٽ تي موجود هئا. جناح ڊينٽل ڪيمپ ۾ عورتن ٻڌايو تہ خيمن ۾ جڏهن مرد گهمندا هئا تہ اهو ڪنهن مصروف گهٽي جو نقشو پيش ڪندو هو. عورتن شڪايت ڪئي تہ مرد انهن جي خيمن ۾ غير ضروري طور جهاتيون پائيندا هئا.

مختيار جاويد "سنگي" جو ڪوآرڊينيٽر آهي ٻڌايو تہ ڊيوٽي تي موجود اهلڪار سرچ لائيٽن جي مدد سان خيمن جي رات جي وقت تلاشي وٺندا هئا. جنهن سبب انهن ۾ رهڻ وارن ڪي ڏکيائي ٿيندي هئي. سنگي تنظيم هزاره جي علائقي ۾ 20 هزار خاندانن جي آبادڪاري جي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. مختيار جاويد ٻڌايو تہ جيتوڻيڪ اهلڪار اهو سڀ ڪجهہ سيڪيورٽي کي نظر ۾ رکندي ڪندا هئا پر اهي ان طرح اٽڪلائي طور تي پردو ڪرڻ وارين عورتن کي حراسان ڪندا هئا.

خيمن ۾ رهڻ واريون عورتون رات جو طهارت لاءِ وڃڻ کان خوفزده هيون. ڇو جو طهارت خاني جو نہ تہ دروازو هو ۽ نہ ئي روشني جو انتظام. ڪن ڪيمپن ۾ مرد ۽ عورتون هڪ ئي طهارت خانو استعمال ڪندا هئا. عورتن جي مخصوص نجي ضرورتن جي ڪري مسئلو خاصو ڳنڀير ٿي ويو هو. ڇاڪاڻ جو دروازي تي مستقل دستڪ (سڏ ڪرڻ) جي ڪري عورتن جون صفائي ۽ ٻيون نجي ضرورتون پوريون نہ پئي ٿي سگهيون. ڪيمپن ۾ رهندڙ صفائي جو مناسب انتظام نہ هجڻ جي ڪري مختلف انفيڪشن جو شڪار ٿي ويا. ڪيمپن ۾ عورتن ۽ ٻارن کي خارش جو مسئلو (سڪيبيز) شروع ٿي ويو ڇاڪاڻ جو انهن پاڻي نہ هجڻ جي ڪري ڪيترن ئي ڏينهن کان غسل نہ ڪيو هو. مانسهره ۾ هڪ غير سرڪاري تنظيم جي اسپتال KBDO جي منتظم مشتاق احمد ٻڌايو تہ انهن چمڙي جي بيمارين کان بچاءُ جي لاءِ لوشن جون سوين بوتلون ورهايون آهن.

ضلعي مانسهره ۾ ٻٽال جي ويجهو چنار ڪوٽ وادي جي 18 ڳوٺن ۾ ڪم ڪندڙ رضاڪار بشريٰ جعفر چيو تہ مقامي روايتن مطابق انهن مسئلن تي ڪليل طور ڳالهہ ڪرڻ جي اجازت نہ آهي.


Shirkat Gah

KBDO ۾ ڪم ڪرڻ واري نرس فرانس والٽن جنهن جو تعلق ملبورن سان هو هن ان ڳالهہ تي افسوس جو اظهار ڪيو تہ عورتون انتهائي شرميليون هيون ۽ سڌي ريت انهن سان رابطو نہ ڪنديون هيون. اسپتال ۾ رضاڪاراڻي طور ڪم ڪرڻ واري ڊاڪٽر شاهين جنهن جو تعلق ڪراچي سان هو هن چيو تہ هوءَ پاڻ ڪيمپن جو دورو ڪندي هئي تہ

جيئن عورتن ۽ خاص طور حامله عورتن کي اسپتال ۾ چيڪ اپ ۽ علاج جي لاءِ راضي ڪري سگهي. ڪيمپن ۾ کاڌو عام طور بورچي خاني مان ئي ورهايو ويندو هو. پنڊ شهاب دادن سان تعلق رکندڙ رخسانه چيو ته مرد اڪثر اهڙن موقعن تي غير ضروري فائدا حاصل ڪري وٺندا هئا. هن ٻڌايو ته جيڪي مرد ۽ ڇوڪرا عورتن کي کاڌو ڏيارڻ ۾ مدد فراهم ڪندا هئا اهي ان جي بدلي عورتن کي پاڻ سان گڏ همبستري ڪرڻ لاءِ چوندا هئا.

مانسهره ۽ ايبٽ آباد ۾ سماجي ڪارڪنن ٻڌايو ته خيمن ۾ رهڻ وارين عورتن سان دست درازي ۽ جنسي طور تي حراسان ڪرڻ وارا واقعا دٻايا ويا ته جيئن خاندان جي عزت محفوظ رهي. زلزلي متاثر علائقن ۾ قبائلي نظام ۾ خلوت ۽ پردي بابت ڪا رعايت نه ڏني ويندي هئي. جنهن سبب متاهين تي رهڻ وارا ماڻهو ٽينٽ وليج جنهن جو انتظام فوج ۽ اين جي اوز ڪيو هو. ان ۾ رهڻ وارن ماڻهن وٽ هلي نه ايندا هئا. ضلعي مانسهره ۾ ٻٽال جي ويجهو نوگرام ڳوٺ جي هڪ رهائشي ظفر اقبال چيو ته هو ٻن سببن جي ڪري پنهنجو ڳوٺ نه ڇڏي سگهيا. هڪ اهو ته اسان پنهنجي جانورن کي اڪيلو ڇڏي نٿي سگهياسين، ڇو جو اهي اسان جي اهم جائيداد آهن. ۽ ٻيو ته اهي پنهنجين عورتن کي خيمن ۾ وٺي وڃي نٿي سگهيا ڇو جو غير واقفڪار ماڻهن سان گڏ انهن رهڻ نٿي چاهيو. متاثر خاندانن جون عورتون جيڪي هيٺ نه ايندون هيون انهن کي شديد مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. انهن جي لاءِ خلوت جي عدم دستيابي سان گهڻو ناڪافي سهولتن جي پريشاني هئي. سماجي ڪارڪن شهلا ستار ٻڌايو ته هن بالاڪوٽ جي ويجهو يونين ڪائونسل گهالور جي هڪ ڳوٺ جو دورو ڪيو جتي 127 گهراڻن لاءِ هڪ به غسل خانو نه هو ۽ پاڻي جي سپلائي جو نظام جيڪو پائيپ جي ذريعي قدرتي نالن مان آندو ويندو هو اهو به خراب ٿي ويو هو.

ضلعي ايبٽ آباد ۾ زلزلي کان بچي ويندڙ ماڻهن جي لاءِ ڪم ڪرڻ واري عورت صائمه علوي ٻڌايو ته گهڻن سارن متاثر علائقن ۾ پاڻي جا نالا جيڪي صاف پاڻي جو ذريعو هئا اهي يا ته خشڪ ٿي چڪا هئا يا انهن پنهنجو رستو تبديل ڪري ورتو هو. ان جي ڪري انهن عورتن جي زندگي وڌيڪ مشڪل ٿي وئي، جن کي نه صرف پنهنجي لاءِ پر کاڌو پچائڻ لاءِ پڻ پاڻي جي ضرورت هئي.


Shahidul Alam

نوجوان ڇوڪرين ۽ عورتن انڪشاف ڪيو ته زلزلي کانپوءِ انهن کي نفسياتي صدمو پهتو. ڇوڪريون پنهنجين سهيلين کي ياد ڪري رهيون هيون. جن سان ملي ڪري اهي اڱڻ ۾ گڏجي راند ڪنديون

هيون. والدين پنهنجي ٻارن کي کاڌو حاصل ڪرڻ لاءِ قطار ۾ بيٺل ڏسي پريشان هئا. ڪم ۾ جائيداد جي نقصان جي ڪري مشاهدي ۾ آيو ته زال مڙس جا لاڳاپا به ڇڪتاڻ وارا ٿي ويا هئا.

بالا ڪوٽ ۾ 500 گهرن جي بحالي ۽ آبادڪاري جي لاءِ ڪم ڪرڻ واري ڪارڪن شهلا ستار چيو ته ان عدم تحفظ ۽ غم جي ڪري والدين جلدي جلدي پنهنجين نياڻين جون شاديون ڪري ڇڏيون. زلزلي جي ڪري تمام وڏي انساني نقصان ۽ تباهي عورتن جي مسئلن تي ٿي سگهي ٿو ته غالب اچي وئي هجي پر ڪيترين ئي عورت سماجي ڪارڪنن جو يقين آهي ته ان سان انهن جي نفسيات ۽ شخصيت تي برا اثر ڇڏيا آهن. هڪ نوجوان عورت ارم مظفر آباد بئنڪ جي ريٽائرڊ ملازم جي ڌيءَ آهي. هن محسوس ڪيو ته زندگي بلڪل محدود ٿي چڪي هئي. هن جا احساس ئي زلزلي کان متاثر ٿيل علائقن ۾ عورتن جي صورتحال جي بهترين تشريح هئا.


APP



PPI

ماءُ جي صحت

# نئين زندگي

**اليفيه حسين جي تحرير: 8 آڪٽوبر جي زلزلي بعد صحت جون سهولتون نه هجڻ جي ڪري حامله عورتن لاءِ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي.**

8 آڪٽوبر جي زلزلي دؤران جيئرو رهڻ جي ڪوشش دؤران هڪ معجزو ڏسڻ ۾ آيو. هڪ نئين زندگي وجود ۾ آئي ٺيڪ ان وقت جڏهن زلزلو آيو ته ضلعي مانسهره جي اسپتال ۾ گائنا ڪالوجي جي وارڊ ۾ هڪ عورت ٻار پيدا ڪرڻ جي عمل مان گذري رهي هئي. ليڊي هيلٿ وزيٽر چاند موجب پوءِ اوچتو ليبر روم جي دروازي ۽ درين جا شيشا لڏڻ لڳا. هي زلزلي جي شروع واريون علامتون هيون. پر ڊاڪٽر اجان تائين پرسڪون هئا ۽ ان انتظار ۾ هئا ته جهٽڪا رڪجي وڃن. چاند ٻڌايو ته اهي جهٽڪا ختم نه ٿيا ۽ ان صورتحال دؤران اها ماءُ پريشان ٿي وئي. حمل دؤران ٿيندڙ تڪليف ختم ٿي وئي.

جڏهن جهٽڪا مسلسل لڳڻ لڳا ته ليبر روم اندر افراتفري ڦهلجي وئي. هن عورت کي ليبر روم

ڪان ڪلي جڳهه تي منتقل ڪيو ويو. زلزلي جي جهٽڪن جي ڪري ٻار جي پيدا ٿيڻ وارو قدرتي عمل ٻه متاثر ٿيو. جنهن جي ڪري ليڊي ڊاڪٽر کي انجيڪشن لڳائي سور شروع ڪرائڻو پيو. آخرڪار اها ٻار کي جنم ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. ان طرح جي صورتحال ۾ غالباً اهو هڪ معجزو هو. حمل جي ضايع ٿي وڃڻ وارن واقعن ۾، وقت کان پهرين سور شروع ٿيڻ ۽ تمام گهڻو خون وهي وڃڻ جون شڪايتون عام هيون. مثال طور تي انهي اسپتال ۾ زلزلي کان تقريبن هڪ مهينو پوءِ 8 مهينن جي حامله حسن نالي عورت وارڊ مان ٻاهر کليل جڳهه کي ڏسي رهي هئي. ان جي چهري تي تاثر بلڪل نه هئا. ان جي شڪل مان ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هن کي ڪو وڏو صدمو پهتل آهي. چاند هن جو تعارف ڪرايو ته اها ڪاغان ۽ ناران جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ راجوال مان آئي آهي. چاند وڌيڪ ٻڌايو ته هن جو خون مسلسل وهي رهيو آهي. حسن جي مڙس ٻڌايو ته انهن کي بالا ڪوٽ جي هڪ ڳوٺ ۾ ڪيمپ تائين پهچڻ لاءِ ڊگهو سفر طئي ڪرڻو پيو. گهڻي پاڳي سفر ڏکيو هو. ان جي ڪري هن جي حمل ۾ پيچيدگي پيدا ٿي آهي.

حسن لوهه جي بستري تي ويٺل هئي جنهن تي گتو به نه هو. چو جو اسپتال جي اسٽور جو انچارج جمعي جي وقفي جي موڪل تي هو. حسن جي آس پاس اهڙيون گهڻيون ئي عورتون هيون جيڪي ساڳي طرح جي صورتحال ۾ مبتلا هيون. مثال طور هن جي سامهون واري وارڊ جنهن ۾ گنجائش کان وڌيڪ مريض هئا. اتي هڪ عورت جنهن جو ٻار پيٽ ۾ مري ويو هو. اتي گذريل ٽن ڏينهن کان داخل هئي. ضلعي اسپتال کان ٿورو پري اٽلي جي فيلڊ اسپتال ۾ گل بي بي وقت کان اڳ ۾ سور شروع ٿيڻ کانپوءِ ٻار کي جنم ڏنو ان جي مڙس مير احمد ٻڌايو ته بالا ڪوٽ ڪيمپن ۾ موجود اهلڪارن ڪين ان اسپتال ڏانهن اماڻيو آهي.

اقوام متحده جي ٻهبود فنڊ جي ضلعي آفيسر قيس محمد اي پي پي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته ڪين سڀ کان وڏو مسئلو اهو درپيش آهي ته جيڪي عورتون اسپتال اچي رهيون هيون انهن جون تمام گهڻو هڏيون ٽٽل هيون ۽ معائنو ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته انهن جا حمل ضايع ٿي ويا آهن. مانسهره جي اسپتال ۾ چند خوش نصيبن جو علاج ڪيو ويو. اقوام متحده جي هڪ اندازي مطابق زلزلي کان ٻه مهينا پوءِ متاثر علائقن ۾ 17 هزار عورتون ٻارن کي جنم ڏيڻ واريون هيون. انهن مان تقريبن 1200 کي پيچيدگين کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن ته 400 جي سرجري ڪئي وئي. اقوام متحده جي آبادي جي فنڊ UNFPA خبردار ڪيو آهي ته صدمي جي ڪري نوجوان ڇوڪرين ۽ حامله عورتن جي صحت کي شديد خطرو لاحق آهي. ڇو جو زلزلي کانپوءِ اهي سخت موسم ۾ رهي رهيون هيون ۽ صحت جي بنيادي سهولتن توڙي ايمرجنسي تائين انهن جي پهچ به محدود هئي.

عورت فائونڊيشن جي انيس هارون زلزلي جي فورن بعد انهن علائقن جو دورو ڪيو. هن ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو ته تباهي کان پهرين به پاڪستان ۾ صحت جون اڻپوريون سهولتون موجود هيون. مختلف بنيادي صحت جا يونٽ رڳو عمارتن تائين هئا ۽ انهن جي اندر ڪجهه به نه هوندو هو. هاڻ زلزلي کانپوءِ ڪجهه به نه رهيو. زلزلي سان متاثر ٿيل علائقن ۾ عورت ڊاڪٽر ناڪافي آهن ۽ رضاڪارن جي به

ڪوٽ آهي. زلزلي کان فورن پوءِ ڏورانهن علائقن ۾ ماڻهن تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ اقوام متحده جي آبادي جي فنڊ جي هڪ عورت ڊاڪٽر ۽ مڊوائف تي ٻڌل هڪ موبائيل ميڊيڪل يونٽ کي روانو ڪيو. گورنر موبائيل اسپتال فاٽا جو گائني مسئلن سان نبيرڻ جي لاءِ ٻه موبائيل يونٽ کي مانسهره موڪليو ويو.

سچ ته اهو آهي ته بهترين وقتن ۾ ٻه پاڪستان ۾ ماءُ جي صحت جي متعلق انگ اکر نهايت مايوس ڪندڙ آهن. اقوام متحده جي اندازي موجب هڪ لک عورتن ۾ 540 عورتون مناسب طبي سهولتون نه ملڻ ۽ غير تربيت يافته طبي اسٽاف جي ڪري ٻار جي پيدائش دؤران فوت ٿي وڃن ٿيون. لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ٻارن جي پيدائش گهرن ۾ ٿئي ٿي.



Online

معاشي ذريعن جو خاتمو

# هڪ انتخاب جي ڳولا

**فريده شهيد جو تجزيو: عورتن جي معاشي ذريعن جي مسئلن کي الڳ سان نئون ڏسي سگهجي. جسماني، انساني ۽ سماجي ورثي جي بنياد تي ۽ عدم تحفظ جي ذريعن تي به هڪ گهري نظر وجهڻ جي ضرورت آهي.**

تباهڪارين سان هميشه الڳ نموني منهن ڏنو ويندو آهي ۽ ان کي اهڙي طرح ڏنو ويندو آهي جڻ ان جو مرڪزي منصوبابندي ۽ ترقي سان قطعي ڪو به تعلق ناهي. حقيقت ۾ بنهي جو پاڻ ۾ تمام گهڻو ويجهو تعلق آهي ڇو جو ڪٿي آفت هجي يا نه هجي ان کان هٽي ڪري معاشي ذريعن جو تعلق ماڻهن جي زندگي ۽ بهتري سان آهي. ماڻهن جي آفت جي مقابلي ۾ عدم تحفظ ڀڃرين کان موجود روايتن جي بنياد تي هوندو آهي. جيڪي موجوده ذريعا (قدرتي ۽ مرڪزي ذريعا، انفرااسٽرڪچر ۽ ساز سامان) انساني ذريعا (تعليم ۽ صحت وغيره) ۽ سماجي ذريعا (تنظيمي ڍانچي ۽ نيٽ ورڪ جي مدد) تي ٻڌل

هوندو آهي. نظرانداز ڪرڻ ۽ ترقي جي غير مناسب پاليسين جي ڪري ماڻهن جي آفت ۾ عدم تحفظ ڪي وڌائي ڇڏي ٿي. مثال جي طور تي هاٽوڪي زلزلي جو اثر انهن علائقن ۾ گهٽ وڌيڪ هو جتي وڻ ضرورت کان وڌيڪ وڍيا ويا هئا ۽ جن علائقن ۾ وڻ گهٽ وڍيا ويا هئا اتي ان جو اثر گهٽ هو. ان ڳالهه جي نشان دهي WWF ضلعي مظفر آباد ۾ ڪئي هئي.

8 آڪٽوبر 2005ع جو زلزلو انهن علائقن ۾ آيو جتي اهي ماڻهو پهرين کان ئي عدم تحفظ جو شڪار هئا ۽ گهڻي ڀاڱي ماڻهو غربت جي لڪير جي ويجهو رهي رهيا هئا. ماڻهن جا ذريعا نه هئڻ جي برابر هئا جيڪي معاشي ذريعن جي رجحان ۽ ڏوراهين شهرن توڙي ڊارين جي علائقن ۾ مزدوري طرف مائل ڪري رهيا هئا.

سمورين آفتن جيان زلزلي جا اثر به صنف سان لاڳاپيل هئا. زلزلي جي ڪري صنف جي متعلق پهرين کان موجود عدم تحفظ وڌيڪ وڌي ويو. عورتن جو وڌيڪ عدم تحفظ وڌيڪ وڌي ويو. عورتن جو وڌيڪ عدم تحفظ، ڪمزور سماجي ڍانچو امدادي نيٽ ورڪ، تنظيم ۽ فيصلا سازي، غير مقبول مهارتون، گهٽ تعليم ۽ ذريعن تائين رسائي نه هجڻ جي ڪري وڌي ويجي ٿو. ان ۾ سڀ کان اهم عورتن جي چرپر ۾ گهٽتائي آهي. آفت جو اثر عورتن ۽ مردن تي مختلف هوندو آهي. خاص طور ان وقت جڏهن انهن کي لڏپلاڻ نه ڪرڻي پئي ته مردن تي ڪم جو دٻاءُ گهٽ ٿي ويندو آهي ۽ عورتن جو وڌي سگهي ٿو. روزگار خاطر مرد گهرن کي ڇڏي وڃي سگهن ٿا. جڏهن ته عورتن کي اها آزادي حاصل ناهي ۽ انهن کي ٻارن، بزرگن ۽ زخمين جي نظرداري به ڪرڻي هوندي آهي ۽ انهن جي فوري ضرورتن کي پورو به ڪرڻو هوندو آهي.

زلزلي کانپوءِ عورتن جي بحالي جي شين تائين پهچ گهٽ هئي ۽ هرجاءِ حاصل ڪرڻ ۾ وڌي ڏکيائي کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. انهن کي فيصلي سازي کان خارج ڪيو ويو هو جيڪي ڪيمپ جي انتظام ۾ وڌي اهميت جي حامل هئي. پر هاڻ ان جي اهميت ٻيهر تعمير ۽ بحالي جي ضرورتن جي سلسلي ۾ به وڌي وئي. وڌيڪ اهو ته پاڪستان ۾ عورتن جي صرف اهم ضرورتن جو خيال رکيو ويو آهي. پيداواري صحت جي ضرورتن کي گهڻي ڀاڱي پورو نه ڪيو ويو جنهن جو سبب عورت ميڊيڪل اسٽاف جي کوٽ کانسواءِ عام سماجي رويو به آهي.

آبادڪاري جي منصوبي ۾ عدم تحفظ ۽ ماڻهن جي معاشي ذريعن جي مخصوص ضرورتن کي پورو ڪرڻ گهرجي خاص طور اهي ماڻهو جيڪي معذور ٿي وڃن ۽ خاندان جا اڪيلا سربراهه هجن. پلي اهي عورتون به ٿي نه هجن. عورتن جي معاشي ذريعن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. مثال طور هن وقت سمورو ڌيان تعمير ذريعي آبادڪاري طرف ڏنو پيو وڃي. اها شيءِ عورتن جي روزگار جي چونڊ کي نه وڌائيندي. وڌيڪ اهو ته جيڪڏهن غلطي سان ان ڳالهه تي يقين ڪري به ونجي ته ٻيهر تعمير زلزلي متاثرن جي مسئلن کي حل ڪري وٺندي ته پوءِ به عورتن جي حالت پهرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بدتر ٿي ويندي. آبادڪاري ۽ ٻيهر تعمير جي مناسب بندوبست هجڻ جي لاءِ عورتن ۽ ٻين گروهن کي

منصوبابندي عملدرآمد ۽ نگراني ۾ شامل ڪيو وڃي.

آفت جي دؤران به قائم رهندڙ معاشي ذريعن کي پيدا ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ماضي جي روايتن کي تبديل ڪيو وڃي. ان جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته انتظامن جو ڍانچو بهتر هجي ۽ خاص طور تي آبادي جي ضرورتن کي پورو ڪري.

اهي جن وٽ معمولي ذريعا موجود هجن ته مددگار عناصرن کي انهن جي معاشي ذريعن کي تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي. انهن کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ انهن جي چونڊ ۾ به واڌارو ڪيو وڃي ۽ اهي ماڻهو جن وٽ وسيلا موجود ناهن انهن ۾ اهليت پيدا ڪرڻ گهرجي. وسيلا پيدا ڪرڻ گهرجن ۽ روزگار جي ذريعن جي چونڊ ۾ همت افزائي ڪرڻ گهرجي.

وسيلا پاڻ مرادو روزگار جا ذريعا نه ٿا بڻجن. ان لاءِ مناسب/بااختيار ماحول جي ضرورت هوندي آهي جنهن ۾ هيٺيون شيون شامل هونديون آهن:

1. آفت برداشت ڪرڻ وارو سماجي ڍانچو موجود هجي.
2. مقامي آبادي جي اجتماعي ڀلي لاءِ ادارن جن سرڪاري توڙي غير سرڪاري تنظيمون شامل آهن ۽ موجود جڳهيون، امدادي ڪوششن ۾ مقامي آبادي تي توجهه ڏنو وڃي ته جيئن گهرن کان علاوه انفرادي سطح تي مخصوص ضرورتون پوريون ڪري سگهجن.
3. بهتر انتظام جنهن ۾ ذريعن لاءِ اهليت، زمين جا حق ۽ ضروري خدمتون جهڙوڪ: صحت ۽ تعليم.
4. سماجي سطح تي ذميدار منڊيون مارڪيٽ منڊي جي ضابطن، سميت جيڪي زرعي اقتصاديات کي ڳوٺن ۾ روزگار جي ذريعن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ٿين.

عورتن لاءِ بااختيار ماحول جو مطلب اهو به آهي ته حڪومت جي مدد سان روين ۾ تبديلي آندي وڃي.

روزگار جي مسئلي کي الڳ نه ٿو ڪري سگهجي. موجوده انساني ۽ سماجي ذريعن ۽ عدم تحفظ جي سبب کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. مثال طور عورتن جي جيئرو رهڻ لاءِ پاڻي اهم ترين ضرورت ٿي سگهي ٿو پر هي مردن لاءِ ايترو اهم نه ٿو ٿي سگهي جيڪڏهن عورت سڄو ڏينهن پاڻي آڻيندي رهي ته ان وٽ ڪا به اهڙي سرگرمي ناهي هوندي جنهن ذريعي هوءَ رقم ڪمائي سگهي. اصل ۾ عورتن کي انهن ڪمن کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي. انهن مان ڪجهه زراعت سان لاڳاپيل آهن ۽ پنهنجو گذر سفر ڪري رهيون آهن. ڪجهه عورتون بي قاعدي سرگرمين وسيلي گذارو ڪري رهيون آهن پر عورتن جي وڏي تعداد جو تعلق شهرن سان آهي جن جو هنن ڳالهين سان ڪوبه واسطو ناهي. نئين سر تعمير جي لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جي سلسلي ۾ خبردار رهڻ جي ضرورت آهي ته جيئن عورتن ۽ عام ماڻهن جون مخصوص ضرورتون به پوريون ڪري سگهجن.

اصل ڳالهه اها آهي ته هي هڪ موقعو آهي ته اسين ماضي ۾ ڪيل غلطيون نه دهرايون. مثال ڪان هيٺ واري سوچ کي ان لاءِ عمل ڪيو ويو هو ته جيئن هڪ جهڙيون امدادي سرگرميون مختلف علائقن ۽ حالتن ۾ مناسب هونديون. اسان کي ماضي جي غلطين مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ اڳ وانگر

سڄي ملڪ ۾ ڪوبہ فائدو نہ ڏيندڙ ڪڙهائي جا مرڪز کولڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. جن عورتن جي روزگار حاصل ڪرڻ ۾ نهايت معمولي مدد ڏني آهي. منصوبابندي گروهہ ۽ علائقي کي ذهن ۾ رکندي ڪئي وڃي تہ جيئن ڪاميابي حاصل ٿي سگهي. نصابي ڪتاب تبديل ڪيا وڃن تہ جيئن ماڻهن کي زلزلي جي سببن بابت ڄاڻ ڏئي سگهجي. ان تبديلي ذريعي صنفي تعصب کي بہ ختم ڪيو وڃي.

بهتر منصوبہ بندي جي سلسلي ۾ سڀ کان وڏو چيلينج ترتيب وار انگ اکر نہ هئڻ آهي. صورتحال جو تجزيو ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن مربوط ۽ غير مربوط نقصان ۽ خاص علائقن ۾ عدم تحفظ جو اندازو لڳائي سهگجي. غير مربوط ڍانچي ۾ عدم تحفظ ۾ ڪم ڪار جي اهميت سان گڏوگڏ ڀهريان کان موجود قائدا ۽ ضابطا، علم ۽ آگاهي ۽ ڪميونٽي جي امداد جو نظام بہ شامل هوندو آهي.

نئين سر تعمير لاءِ ضروري آهي تہ:

- غربت گهٽائڻ وارن منصوبن (Poverty Reduction Plan) سان لاڳاپيل هجي.
- حڪومتي ۽ مقامي سطح تي معلومات تائين پهچ ۽ نگراني واري نظام کي يقيني بڻايو وڃي.
- ذک ۽ تڪليف گهٽائڻ جو بهترين طريقو مهيا ڪيو وڃي.
- طريقہ ڪار ۾ مقامي آبادي جي شرڪت يقيني بڻائي وڃي.
- عورتن ۽ ٻين عدم تحفظ جو شڪار گروپن کي بچڻ لاءِ ضروري اپاءَ ورتا وڃن.
- زميني حقيقتن کي شامل ڪرڻ لاءِ منصوبن ۾ لچڪ موجود هئڻ گهرجي.

حڪومت طرفان عمل لاءِ قومي منصوبي جو قيام بهتر قدم آهي پر اهو بہ ضروري آهي تہ مختلف گروهن ۽ علائقن جي وچ ۾ لاڳاپي کي يقيني بڻايو وڃي ڇاڪاڻ تہ سيئي ماڻهو الڳ الڳ گروهن ۽ علائقن ۾ نہ پر معاشري ۾ گڏ رهن ٿا.


Online

6 فيبروري 2006ع تي اسلام آباد ۾ ايس پي او ۽ جيڪ ايراءَ گروپ جي انتظام هيٺ ڪرايل ڪانفرنس:
*'Challenges to Livelihoods & Housing in the face of 2005 Earthquake'*
تان ورتل هڪ پريزينٽيشن.



Internet

# بحالي لاءِ رستو

8 آڪٽوبر واري ڀيانڪ زلزلي کان پوءِ زندگي ۽ جائداد تي اختيار نہ هئڻ ۽ غير يقيني مستقبل، وارن احساسن ملي جلي عورتن کي اياريو هو دٻاءُ پريشاني ۽ مايوسي عام هئي. هي حصو متاثرن جي نفسياتي بحالي لاءِ وقف ڪيو ويو آهي تہ جيئن اهي پنهنجو ردعمل بهتر نموني سمجهي سگهن ۽ پنهنجي نفسياتي بحالي بهتر طريقي سان ڪري سگهن.


Online




نئين زندگيءَ جي آس سان گڏ

# جذباتي ۽ نفسياتي بحالي

آشا بيدار زور ڏيندي چوي ٿي تہ بااختياري، خود اعتمادي ۽ هڪ ٻئي جو احترام ئي عورتن جي نفسياتي زخمن ۽ ڏکهي عرصي وارن نقصانن سان منهن ڏيڻ ۽ انهن مان نڪري پار پوڻ ۾ مدد فراهم ڪري سگهن ٿا.

عورتن جي ذهني ۽ جذباتي صحت جو سڌو سنئون لاڳاپو معاشري ۾ انهن جي مرتبي ۽ معاشرتي ماحول سان هوندو آهي. 8 آڪٽوبر 2005ع واري زلزلي کان پوءِ عورتن جي زندگي ۾ ايندڙ نمايان تبديلين انهن لاءِ ذهني ۽ جذباتي بهبود جا مخصوص قسم جي للڪارون (Challenge) سامهون آنديون آهن.

ٽيليويزن تي زلزلي سنتيل ماڻهن جون ڏڪائيندڙ تصويرون، انهن تي ڇانيل خوف، درد ۽ بي وسي کي پيش ڪيو ويو آهي. اسان سڀ سندن ڏک ۾ شريڪ آهيون. اسان ساڻن گڏجي رنا آهيون ۽ اسان انهن لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ڪيو آهي. آفت کان متاثر ٿيڻ کان پوءِ عورتن لاءِ سڀ ڪجھ تبديل ٿي

ويو آهي، انهن جو ماحول، خانداني ڍانچو، ڪردار، روايتون، سماجي ادارا، مقامي آبادي ۽ ان سان واڳيل تحفظ وغيره سڀ ڪجهه بدلجي چڪو آهي.

اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته اهي عورتون شديد ذهني دٻاءَ جو شڪار آهن. زلزلي متاثر سيئي عورتون پنهنجي پنهنجي پيڙا مختلف طريقن سان بيان ڪن ٿيون.

"آءٌ ڊڄي وئي هيس پر گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ۽ پوءِ مون ڏٺو ته منهنجو پٽ اڃان مٽي جي ڍير هيٺان ڦاٿل هو ان ڪري مان ڪيس اتي ڇڏي وڃي نه ٿي سگهيس. منهنجو مڙس مونکي ڪنيءِ ٻاهر وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ان چيو ته اسان ڪجهه نه ٿا ڪري سگهون پر آءٌ نه ويس ۽ واڪا ڪوڪون ڪندي رهيس ته جيئن ڪو اچي ۽ منهنجي پٽ کي ٻاهر ڪڍي. مان اتي ڊڄي ويهي رهيس ۽ رڙيون ڪندي رهيس."

ڪنهن به خوفائتي تبديلي جي نتيجي ۾ دٻاءُ فطري عمل هوندو آهي جيڪو انسان کي پاڻمرادو حالتن سان سوديبازي ڪرڻ سيکاريندو آهي. پر صدمي جو خوف ان وقت وڌي ويندو آهي جڏهن ڪنهن شخص کي اوچتو ۽ اڪثر غير متوقع پريشانين سان ڀرپور حالتن کي منهن ڏيڻو پوي يا اهڙي صورتحال ان وقت به پيدا ٿي سگهي ٿي جڏهن ڪو شخص انهن حالتن تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي پر حالتون ان جي صلاحيتن تي حاوي ٿي وڃن. ڪا به صورتحال چاهي ڪيتري به غير معمولي هجي اوچتو ڏوڙي ڇڏڻ واري ۽ ڊيڄاريندڙ هجي ان کي يقيني صدمي سان ڀرپور چئي سگهجي ٿو. صدمو اصل ۾ جذباتي طور تي جهٽڪو يا نفسياتي زخم آهي جيڪو انسان جي حالتن سان مقابلو ڪرڻ واري صلاحيت تي حاوي ٿي وڃي ٿو. هر شيءِ ان کي بي حد ڊنل، فڪرمند ۽ بي يارو مددگار بنائي ڇڏي ٿي. آفتون خاص طور تي قدرتي آفتون انهن ڪان وڌيڪ صدمو ڏيندڙ هونديون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جي باري ۾ اڳواٽ ڪوبه اندازو لڳائي نه سگهجي.

قدرتي آفتون اچڻ ڪان پوءِ صدمي جو دٻاءُ هوندو آهي ڇاڪاڻ جيئرا بچي ويل فرد هيٺ ڏنل نقصانن مان هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ نقصانن کي پوڳي چڪا هوندا آهن.

- پيانڪ واقعن جو ظاهر ٿيڻ
- گهرڀاتين، مائٽن، دوستن، ذاتي شين ۽ گذرسفر جي ذريعن جو ضايع ٿيڻ.
- وڌيڪ نقصان جو انديشو.
- جسماني زخم، معذوري، پنهنجي يا ٻئي جي بيماري.
- آفت اچڻ ڪان پوءِ دٻاءُ ۽ محروميءَ واري حالت ۾ رهڻ.
- مقامي آبادي جو مٽي جي ڍير ۾ دٻجي وڃڻ.
- آفت جا سماجي اثر.

"مان اڃان تائين ايترو ته ڊنل آهيان ۽ منهنجا ٻار به ايترائي خوف ۾ ورتل آهن ايتريقدر جو جڏهن اسان کي هيلي ڪاپٽر جي اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته اسان پريشان ٿي وڃون ٿا."

زلزلي متاثر عورتن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو تہ انهن ڪهڙي طرح انتهائي خوف واري صورتحال مان بچي نڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي بچائڻ ۽ زلزلي کان پوءِ ايذائيندڙ وقت کي منهن ڏنو. هنن انهن ڏينهن ۾پل پل جي باري ۾ ٻڌايو جيڪي هنن ملبي جي هيٺان پنهنجي شين کي ڪڍڻ لاءِ گذاريا. ۽ انهن ان وقت جي باري ۾ ٻڌايو جڏهن سندن ٿيل نقصان جي کين خبر پئي. خوف اجان باقي آهي. مثال طور زلزلي ۽ ان کان پوءِ وارن اوچتن ڌماڪن جي گونج اجان تائين ٻارن ۽ عورتن لاءِ پريشاني جو سبب آهن اڪثر عورتن لاءِ ايمرجنسي جو شروعاتي مرحلو ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اهي خوف ۽ انتهائي ذهني دٻاءُ واري صورتحال مان نڪري جذباتي ردعمل واري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪيون آهن جن ۾ سندن نقصانن جون پيچيدگيون وڌيڪ چٽيون ٿينديون. زلزلي جي نتيجي ۾ سيني عورتن کي زخم نہ رسيا هئا ۽ نہ اهي معذور ٿيون ۽ نہ ئي سيني عورتن جي خاندانن جا ڀاتي زخمي يا فوت ٿيا هئا پر عام عورتن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان نقصان ضرور ٿيو هو جنهن جو ذڪر سيني عورتن جي ڪهاڻين ۾ موجود آهي جنهن کي هو پنهنجو انتهائي جذباتي تجربو قرار ڏين ٿيون. عورتون پنهنجي ٻارن، مڙس ۽ گهر جي ٻين ڀاتين جي باري ۾ ٻڌائين ٿيون. اهي ٻڌائين ٿيون تہ سندن ٻار ۽ مڙس وڃائجي ويا آهن ۽ انهن جي جسم جا عضوا ڪم نہ پيا ڪن. سندن گهر ۽ ٻارن جا اسڪول تباهہ ۽ برباد ٿي چڪا آهن ۽ انهن جا جانور ۽ مال ملڪيت ملبي هيٺان دٻجي چڪو آهي.

روايتي طور تي گهر، جانور، خانداني زندگي ئي عورتن جون ذميواريون هيون ۽ انهن جي زندگي ان جي آس پاس گذرندي هئي ۽ اهو ئي سبب آهي تہ زلزلي متاثر عورتن جا نقصان وڌيڪ نہ تڏهن بہ مردن ۽ ٻارن کان مختلف ضرور آهن.

"اسان وٽ ڪجهہ ناهي بچيو، سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو آهي، منهنجا جانور مري چڪا آهن باقي صرف اسان بچيا آهيون، پر اسان وٽ ڪجهہ ناهي بچيو مان سڄو ڏينهن خيمي ۾ ويهي روئيندي رهان ٿي، مان هاڻ ڇا ڪيان؟ روئڻ کان سواءِ مان ڪري بہ ڇا ٿي سگهان؟ منهنجو ڪو بہ گهر ناهي رهيو ۽ نہ ئي مون وٽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ آهي"

"منهنجا ٽي ٻار هئا انهن مان ٻہ فوت ٿي چڪا آهن مان هاڻ اڪيلي آهيان منهنجي زندگي ٻارن جي ڪري ڀرپور هئي پر هاڻي مون وٽ ڪجهہ بہ ناهي رهيو."

عورتن ۾ ذهني دٻاءُ ان وقت وڌي وڃي ٿو جڏهن هو عارضي خيمن ۾ اچن ٿيون. وڌيڪ نقصان، زخمن جي صورت ۾ ۽ متوقع زلزلي جي خطري جو امڪان ٿي سگهي ٿو ۽ اڪثر عورتن کي خوراڪ ۽ ڪپڙا مهيا ٿي ويا هجن پر ڏک، تڪليف، بي يقيني واري ڪيفيت ۽ تحفظ نہ هئڻ ڪافي عرصي تائين باقي رهي ٿو. گهڻين عورتن جو ان ڳالهہ جو اندازو نہ هو تہ هاڻي ڇا ٿيو وڃي. انهن کي ان ڳالهہ جي بہ ڄاڻ نہ هئي تہ اهي هتي ترسنديون، اهي ڪيئن جيئريون رهنديون. اهي ۽ سندن گهر ڀاتي سخت سيءَ جو مقابلو ڪهڙي نموني ڪندا. ڪيتريون ئي عورتون اجان تائين ٻئي زلزلي کان نہ پر پنهنجي اڻ ڄاتل ماحول ڏارين ۽ پنهنجي ڪردار جي تبديليءَ جي ڪري پريشان ٿين ٿيون. کين اها ڳالهہ بہ پريشان

ڪري ٿي تہ اهڙا مرد جن کي هنن ڪڏهن ڏٺو ناهي اهي سندن عارضي گهر ۾ آزاد گهمي ڦري رهيا آهن. اهي اٽڃاڻ جڳهين جي ڪري پريشان آهن جتي سندن ٻار ڪيڏن ٿا. اهي رات جو عوامي طهارت خانن ۾ وڃڻ کان ڊنل آهن ۽ بين الاقوامي ڪارڪنن کان پڻ ڊنل آهن جن جي هو ٻولي نہ پيون سمجهن.

جنسي حملا، غوا ۽ گهريلو تشدد عورتن جي لاءِ نوان نہ آهن تنهن هوندي بہ تشدد ۾ اضافي عورتن ۾ اهو احساس وڌائي ڇڏيو آهي تہ اهڙي قسم جون حالتون عام آهن. وڌيڪ اهو تہ ڪيمپن ۾ بہ عورتن کي بحالي جو سامان، معلومات ۽ ٻين وسيلن تائين ۽ هڪ جيتري پهچ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئي ٿو.

اهي آهستي آهستي ٻاهر نڪري رهيون آهن تہ جيئن هو پاڙ کي ماحول کان واقف ڪري سگهن ۽ پنهنجو پاڻ کي نئين زندگي گذارڻ جو موقعو ڏئي سگهن. پر ان جي باوجود هنن تي خوف ڇانيل آهي. نئين ماحول ۽ بلڪل تبديل ٿيل سماجي ڍانچي ۾ رهندي دماغي صحت جون پيچيدگيون مردن جي ڀيٽ ۾ عورتن ۾ وڌيڪ آهن.

"مان ٻاهر ڪٿي بہ نہ ويندي آهيان. مان هتي ڪنهن کي بہ نٿي سڃاڻان. منهنجون ڌيئر بہ ٻاهر وڃڻ کان ڊڄن ٿيون ايتري قدر جو اهي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ بہ نٿيون وڃن. ڪهڙي خبر اتي ڪير موجود هجي."

زلزلي جون يادگيريون، ان جا نقصان، زندگين تي سندن وس ۾ گهٽتائي ۽ سندن غيريقيني مستقبل عورتن ۾ ڪيترائي جذباتي ردعمل پيدا ڪري رهيو آهي. ڪيترين ئي عورتن مايوسي، لاچاري، نااميدي جو اظهار ڪيو. ڪيتريون ئي عورتون باربار پنهنجي ۽ گهر ڀاتين جي باري ۾ پريشان رهن ٿيون. اهي رات جو سمهي نہ ٿيون سگهن ۽ ڪاڏو ملڻ باوجود مناسب طريقي سان کائي نہ ٿيون سگهن. ڪيتريون ئي عورتون ڳالهائڻ چاهن ٿيون ۽ هو پنهنجي تڪليف جي باري ۾ ٻڌائڻ گهرن ٿيون تنهن هوندي بہ ڪجهہ جذباتي ردعمل اهڙا آهن جن جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. ان ڪري انهن کي موجود جسماني علامتون ڇيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ ڪڏهن ڪڏهن ڏهڃي ويل جذباتي ردعمل جسماني علامتن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اهڙي طرح سان جذباتي ردعمل جو اظهار، ڪيترين ئي عورتن ۾ هڪ جيترو آهي ۽ اها شيءِ اسان جي ملڪ ۾ خاص طور تي عام آهي. ڊاڪٽرن وٽ ڪيتريون ئي عورتون مٿي جو سور، معدي ۾ تڪليف، ساهہ کڻڻ ۾ ڏکيائي، هٿ ڏکڻ، دل جي دڙڪڻ ۾ بي قائدگي، بي هوشي، پنن ۾ سور، هاضمي جي خرابي ۽ ٻين تڪليفن جي سلسلي ۾ آيون. تنهن هوندي بہ ڊاڪٽر جي رپورٽ مطابق ڪيترين ئي صورتن ۾ انهن علامتن جي لاءِ ڪي بہ طبي سبب ناهن. مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪيترين ئي عورتن کي انهن علامتن جي باري ۾ ڄاڻ آهي تہ انهن جو تعلق سندن جذباتي حالتن سان آهي.

"مان تمام گهڻو پريشان رهي آهيان. رات جو سمهي نہ ٿي سگهان. هر وقت روئيندي رهان ٿي ۽ منهن جي مٿي ۾ سخت سور رهي ٿو."

”هتي اهڙيون عورتون موجود آهن جيڪي ڪجھ بہ ڪرڻ نہ ٿيون چاهن. نہ ئي اهي پنهنجي خيمن مان ٻاهر نڪري اسان سان ڳالهائڻ چاهن ٿيون. اهي خاموشي سان ويٺيون رهن ٿيون ۽ پنهنجي ٻارن جي باري ۾ سوچي روئڻ لڳن ٿيون.“

اهو سمجھڻ اهميت رکي ٿو تہ نفسياتي لحاظ کان ذهني دٻاءُ جا سڀئي ردعمل جن جي باري ۾ عورتن ٻڌايو آهي اهي مڪمل طور تي صحيح آهن يعني غير متوقع واقعن جي باري ۾ عمومي ردعمل جو اظهار دماغي خرابي ناهي. وقت گذرڻ سان گڏ گڏ ڪيترائي شروعاتي ردعمل ختم ٿي وڃن ٿا ڇاڪاڻ تہ حالتون معمول تي اچڻ شروع ٿي وڃن ٿيون ۽ ماڻھو پنهنجو پاڻ کي نئين صورتحال سان هم آهنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏين ٿا ۽ اهي پنهنجو پاڻ تي ظابطو حاصل ڪري وٺن ٿا تنهن هوندي بہ ڪجھ عورتن ۾ شديد ذهني دٻاءُ جون علامتون جھڙوڪ: گھڻي پريشاني پيدا ڪندڙ ماضي جا خيال، ٻيهر زلزلي اچڻ جي باري ۾ خيال، لڳاتار خاموشي ۽ پريشاني جون علامتون جن ۾ بهتري نہ اچي وئي هجي وغيره وغيره ڏٺيون وڃن ٿيون. جيڪڏهن اهي علامتون لڳاتار موجود رهن تہ انهن ڏانهن توجھ ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي.

انهن مسئلن جي باوجود اميد جو ڪرڻو موجود آهي. جيڪڏهن هر اهو شخص جيڪو آفت جي ڪري متاثر ٿيو آهي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين عمومي نفسياتي ردعمل جو اظهار ڪندو مقامي ماڻهن ۾ مزاحمت ڏٺي وئي آهي ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ٿوري امداد ملڻ سان سيني ماڻهن جون حالتون بهتر ٿي وينديون. عام طور تي خاندان ۽ سماجي تانجي پيٽي جي ذريعي هي امداد صرف غير رسمي بڻجي رهجي ويندي. ذهني صحت ۽ سماجي شعبي جي ماهرن جا ايران، ترڪي ۽ پارت ۾ زلزلي ۽ سونامي ۾ تجربا ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪن ٿا تہ اهڙين حالتن ۾ مقامي ماڻهن کي پنهنجي تڪليف ۽ نقصان جو ازالو ڪرڻ جي لاءِ جذباتي ۽ نفسياتي امداد جي ضرورت هوندي آهي. هي شيون اسان جي مقامي ماڻهن جي لاءِ خاص طور سچيون ٿي سگهن ٿيون جتي روايتي ذهني صحت جي علاج جي ضرورتن جھڙن مشورن کي ماڻھو نہ تہ سمجھن ٿا ۽ نہ ئي وري ان لاءِ ڪوشش ڪن ٿا.

نفسياتي امداد جي نظريي جو بنياد ان خيال تي آهي تہ جذباتي،نفسياتي ۽ سماجي مسئلن جو پاڻ ۾ گھرو لاڳاپو آهي. جذباتي ۽ نفسياتي بحالي، مقامي ماڻهن ۽ گروهن جي ڪوشش ذريعي فراهم ڪري سگھجي ٿي. جذباتي ۽ نفسياتي بحاليءَ جي لاءِ انهن ڪوششن جو مقصد مقامي ماڻهن جي مدد ڪرڻ هوندو آهي. انهيءَ ۾ ماڻهن جي امدادي سامان تائين پهچڻ ۾ مدد ڏيڻ، ڪين گھر ڀاتين سان ملائڻ ۽ سنڌن مان مرتبو قائم رکڻ بہ شامل آهي. جذباتي ۽ نفسياتي امداد لاءِ اثرائتي حڪمت عملي اها هوندي تہ ماڻهن کي پنهنجو ردعمل بهتر نموني سمجھڻ ۾ مدد فراهم ڪئي وڃي. ٻچي ويل ماڻهن کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ مختلف تدبيرن جهڙوڪ: پنهنجي مدد پاڻ، مقامي ماڻهن جي اثرائتي شرڪت، عزت نفس ۾ اضافو عام زندگي گذارڻ ۾ حوصلي افزائي ۽ گروهن کي ملاقات جا موقعا فراهم ڪرڻ تہ جيئن اهي هڪ ٻئي سان ملي سگهن ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪري سگهن.

عورتن لاءِ اهڙا موقعا، آگاهي پيدا ڪندڙ گروهه (جهڙوڪ: ڪيمپن ۾ تعليم، نفسياتي ردعمل جي باري ۾ معلومات ۽ خدمتون وغيره) امدادي گروپ سرگرمي يا مهارت پيدا ڪرڻ وارا گروهه (جهڙوڪ: سلائي وغيره) عورتن جي ڪميٽين ۽ رضاڪار گروهن جي صورتن ۾ فراهم ڪري سگهن ٿا وڏيڪ اهو ته جذباتي ۽ نفسياتي حڪمت عملي جي ذريعي معاشري ۾ عورتن جي مرتبي کي به صحت ۽ تعليمي ذريعن تائين انهن جي اثرائتي پهچ کي يقيني بڻائي ضرور بلند ڪيو وڃي ۽ ڪين تشدد ۽ ڏوهن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

زلزلي کان متاثر ٿيل علائقن، ڪيمپن ۽ پناهه گاهن وغيره ۾ عورتن جي بحالي ۽ امداد لاءِ سماجي ڪوششون شروع ٿي چڪيون آهن .لڳ ڀڳ هر ڪيمپ ۾ ڪميونٽي سينٽر ۽ ووڪيشنل ڪلاس منعقد ٿي رهيا آهن.

ڪيترين ئي عورتن انهن ڪوششن جون جوابي سرگرميون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن ۽ ان کان اڳ جو ڪو گروهه اتي ڪم شروع ڪري ها اهي اڳ ئي مدد گهري رهيون هيون.وڌ کان وڌ عورتون ۽ نوجوانن ڇوڪرين رضاڪار ۽ ڪميونٽي گروهن ۾ شامل ٿيڻ چاهيو ٿي ته جيئن اهي متاثر ٿيل عورتن ، ٻارن ۽ پوڙهن جي مدد ڪري سگهن . تنهن هوندي به اجان تائين ڪيترين ئي ڏکيائيون در پيش آهن ، جڏهن ته اجان به ڏورانهن علائقن ۾ پردي جو سخت نظام عورتن کي مقامي ماڻهن جي لاءِ ٿيندڙ ڪم ۾ شرڪت ڪرڻ کان روڪي ٿو. گروهن ۾ عورتن کي پنهنجي بهتريءَ جي سلسلي ۾ سندن حوصلي افزائيءَ لاءِ وڌيڪ ۽ لڳاتار ڪوشش جي ضرورت آهي . وڌيڪ اهو ته هن مرحلي تي عورتن لاءِ محفوظ جايون جتي اهي هڪ ٻئي سان ملي سگهن ، مدد ڪري سگهن ۽ پيشوراڻيون مهارتون حاصل ڪري سگهن، جيڪي بي حد ضروري آهن . انهن جاين جو مقصد عورتن جي آگاهي ، تعليم ۽ شراڪت ذريعي ترقي، هئڻ گهرجي.

اهو ضروري آهي ته عورتون جذباتي ۽ نفسياتي امداد، بحاليءَ وارين ڪوششن ۾ خاموش تماشائي نه پر سرگرم شرڪت ڪندڙ هجن . آخرڪار عورتن جي ترقي ، خود اعتمادي ۽ عزت نفس ايتري حد تائين ٿي ويندو جو اهي ٻيهر تعمير جي عمل ۾ نفسياتي زخمن ۽ ڏکهي عرصي وارن نقصانن تي به ضابطو آڻي سگهنديون .

**ڊاڪٽر آشا بيدار نفسياتي ماهر آهي ۽ اسلام آباد ۾ هڪ اين جي او (روزن) سان لاڳاپيل آهي. نومبر 2005ع کان هوءَ اميد پراجيڪٽ تحت نفسياتي ۽ جذباتي تربيت، امداد ۽ ٻين جذباتي، نفسياتي ۽ ذهني ترقي جي سرگرمين کي منظم ڪري رهي آهي. اميد پراجيڪٽ پاڪستان ريڊ ڪريسينٽ سوسائٽي، ڊينمارڪ ريڊ ڪراس، فيڊريشن آف ريڊ ڪراس (IFRC) ۽ روزن جو گڏيل منصوبو آهي.**

# غم ۽ مايوسيءَ ۾ ڦاٿل ماڻهن لاءِ سهاري جا ذريعا

آفت اچڻ کانپوءِ غم ۽ مايوسي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙا ماڻهو بين جي مدد ڪري سگهن ٿا؟

آفت نازل ٿيڻ کانپوءِ واري صورتحال ۾ سمورا مقامي علائقي جا ماڻهو غم جي حالت ۾ هوندا ۽ انهن مان گهڻا ئي ماڻهو ان آفت جي تجربن جي نتيجي طور تي صدمي جو شڪار بہ ٿي سگهن ٿا. اداس ۽ ڏک وارن ماڻهن کي آرام ۽ تسلي ڏيڻ لاءِ سمورن قسمن جا جذباتي سهاري وارا ذريعا استعمال ۾ آڻڻ ضروري هوندا آهن. معاشرتي سهاري جو هڪ وسيع ڄار جذباتي صحت يابي لاءِ تمام گهڻو ضروري هوندو آهي.

متاثرين کي جذباتي مدد ڏيڻ جي واسطي سهاري جي لاءِ هيٺيان ذريعا استعمال ڪري سگهجن ٿا.

- خاندان جا ماڻهو
- دوست
- پرپاسي جا ماڻهو
- اسڪول ۽ استاد
- ادارا
- امدادي ڪارڪن
- رضاڪار
- نفسياتي ماهر
- ذهني بيمارين جا ماهر
- سهاري لاءِ خاندان هڪ اهم ذريعو

والدين ٻارن کي تسلي ڏئي سگهن ٿا, هڪ ٻيڻ پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪري سگهي ٿي ۽ ٻارڙا والدين کي اميد ۽ آسرو ڏياري سگهن ٿا, پر اهو سهارو صرف هڪ خاص حد تائين ممڪن هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن آفت هڪ پوري خاندان ۽ ماحول تي اثر انداز ٿئي ٿي تہ خاندان جي ماڻهن کي هڪ ٻئي کي سهارو ڏيڻ جي اهڙي طرح همت نٿي هجي جهڙي طرح اهي عام حالتن ۾ همت ڏيکاري سگهندا آهن يا جيڪڏهن گهر جو صرف هڪ ڀاتي مشڪل حالتن مان گذري رهيو هوندو تہ ان صورت ۾ هن جي مدد ڪندا آهن.

والدين مان ڪوئي هڪ جيڪو پنهنجي ڏيءَ يا پٽ وڃائي چڪو هجي, ايتري همت نٿو ڪري جو

ڀين ڀارن کي تسلي يا دلجاءِ ڏئي سگهي ۽ خاندان جي سار سنڀال ڪري سگهي. ان ڪري اهو نهايت ضروري آهي تہ ان مقصد لاءِ سهاري جي سمورن ذريعن کي ڪتب آڻڻ جوڳو بڻايو وڃي.

شرڪت گاهہ جي امدادي ڪارڪنن مشاهدو ڪيو تہ آزاد ڪشمير ۽ صوبي سرحد ۾ ماڻهو تمام گهڻو مضبوط خانداني ٻنڌڻن ۾ ٻڌل آهن. اهي خاندان جي ڀين ماڻهن کي گهڻو جذباتي مدد فراهم ڪري سگهن ٿا. جيئن ماءُ، پيءُ، چاچو ماموي تايا ۽ چاچيءَ، ڦڦي يا چاچيءَ وغيره. امدادي ڪارڪنن انهن ماڻهن کي همت ڏياري، جن جي خاندانن جا ماڻهو زلزلي جي ور چڙهي ويا تہ جيئن اهي مضبوط ٿين ۽ پنهنجي زندهہ بچي ويل خاندان جي ماڻهن جي نظرداري ڪن. امدادي ڪارڪنن ماڻهن کي ٻڌايو تہ انهن خاندان جي ڀين ميمبرن جي بحالي ۾ مدد لاءِ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

# خاندان کان ٻاهر سهاري جي ذريعن کي ڪتب آڻڻ جوڳو بڻائڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ

ڪنهن خطرناڪ مصيبت کانپوءِ ماڻهن کي نه صرف پنهنجي خاندان جي ماڻهن کي سهاري جي ضرورت هوندي آهي، پر پنهنجي غم تي قابو پائڻ جي لاءِ خاندان کان ٻاهر جي ماڻهن جي مدد جي به ضرورت هوندي آهي.

## اسڪول ۽ ادارا

اسڪول ۽ ادارا سهاري لاءِ خاص طور اهم جايون آهن. جڏهن متاثرن جي چوڌاري جي هر شيءِ تباهه ۽ برباد ٿي چڪي هوندي آهي، ته اهي جايون تمام گهڻو جلد هڪ قسم جو عام ماحول پيدا ڪنديون آهن، پر اها ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏڻ گهرجي ته استادن ۽ امدادي ڪارڪنن کي به حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن نفسياتي سهاري جي ضرورت هوندي آهي.

شرڪت گاهه جي امدادي ڪارڪنن مشاهدو ڪيو ته گهڻائي ٻار زلزلي کان پوءِ واپس اسڪول نه آيا. والدين سان گڏوگڏ ٻارڙا به اسڪول وڃڻ کان ڊنل هئا، ڇو جو زلزلي سبب گهڻائي اسڪول تباهه ٿي ويا هئا. امدادي ڪارڪنن ۽ استادن مختلف طريقا استعمال ڪيا ٻارن ۾ ٿافيون ورهائي انهن کي واپس اسڪول آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن انهن جو ڌيان حاصل ڪري سگهجي ۽ اسڪول واپس آڻڻ جي سلسلي ۾ انهن کي همت ڏياري سگهجي. ڪيترن ئي جڳهين تي اها حڪمت عملي وڏي مددگار ثابت ٿي.

هڪ ماسترياڻي شرڪت گاهه جي امدادي ڪارڪن کي ٻڌايو ته هوءَ زلزلي ۾ پنهنجي خاندان جا فرد وڃائي چڪي هئي. هي مصيبت نازل ٿيڻ بعد هو دہاءَ جو شڪار ٿي وئي هئي ۽ وڌيڪ پڙهائڻ نٿي چاهيو پر بعد ۾ جڏهن هن ٻارن کي پنهنجي آس پاس پڄندي ۽ مسڪرائيندي ڏٺو ته محسوس ڪيو ته هوءَ ٻين جي مدد ڪري سگهي ٿي، جيڪي زلزلي جي تباهه ڪارين کان انهي طرح بچي ويا هئا جيئن هوءَ پاڻ. اهڙي طرح ان ۾ اسڪول واپس وڃڻ ۽ ٻيهر پڙهائڻ جي همت پيدا ٿي.

## امدادي ڪارڪن

امدادي ڪارڪن غم ۾ مبتلا پريشان ماڻهن کي جذباتي طور دلجاءِ ڏئي سگهن ٿا. اهي الميئي جي باري ۾ متاثر ٿيل ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪري انهن جون ڳالهيون ٻڌي ائين ڪري سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ اهي متاثر علائقن ۾ وڌيڪ وقت ڪاٽي به ائين ڪري سگهن ٿا. اهو طرز عمل متاثرين سان

اتحاد ۽ يڪجهتي جي ظاهر ڪري ٿو ۽ مصيبتن جو شڪار ٿيندڙن کي اميد ڏياري ٿو. متاثرين کي پنهنجا جذبات ۽ احساس بيان ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ يا انهن کي درد ۽ غم جي حالت مان ڪڍڻ لاءِ امدادي ڪارڪن انهن ماڻهن سان گڏجي گهڻين سرگرمين جي شروعات ڪري سگهن ٿا.(مثال طور فن وغيره جي ڪم جي ذريعي)

## پيشيوراڻي مدد

صدمي ۾ ورتل ماڻهن جي پيشوراڻي نفسياتي مدد بابت امدادي ڪارڪنن کي معلوم هجڻ گهرجي تہ صرف چند ئي متاثر ماڻهن کي پيشوراڻي مدد حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو. اهو ئي سبب آهي جو امدادي ڪارڪن خاص طور استاد ٻارن ۽ وڏن کي پنهنجي صدمي تي قابو پائڻ جي سلسلي ۾ مدد فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

# آفت کانپوءِ امداد جي ذريعي جي طور تي اسڪولن جي خصوصي اهميت

زلزلي متاثر ماڻهن جي سموري زندگي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. ان طرح جي ويراني ۽ بدنظمي جي حالت ۾ ٻارن جي جذباتي صحتيابي اسڪولن ذريعي ممڪن بڻائي سگهجي ٿي. ٻارن جي بهبود ۾ اسڪولن جو ڪردار مقامي آبادي جي عام حالت بہ بهتر بڻائي سگهي ٿو.

## اسڪول ڪهڙي ريت ٻارن جي صحتيابي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا؟

- جيڪڏهن گهر ۾ ماحول مايوسي ۽ اداسي جو شڪار آهي تہ ٻار اسڪول ۾ هڪ مختلف قسم جي خوشي واري ماحول مان فائدو ڪڻي سگهن ٿا.
- اسڪول ٻارن کي مشغول رکن ٿا (اهي ان لاءِ بہ بهتر آهن جو ٻار هيڏانهن هوڏانهن آواره گهمندا ڦرندا آهن).
- اهي پنهنجي هم عمر ٻين ٻارن سان ڪهاڻين جي متعلق ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهن ٿا.
- اسڪول هڪ اهڙي جڳهہ آهي جتي ٻار گڏجي کيڏي سگهن ٿا.
- هڪ سٺي ماحول سان گڏ اسڪول جتي ٻار سڪون ۽ اطمينان محسوس ڪن، انهن جي بهبود ۽ بهتري جي لاءِ حصو وٺي سگهن ٿا.
- اسڪول ٻارن کي هڪ تحفظ جو احساس ڏياريندا آهن ۽ انهن کي پيهر پر اعتماد بڻائين ٿا.
- استاد صحتيابي جي عمل ۾ مدد ڪري سگهن ٿا:
  - ❑ استادن کي جماعت جي لاءِ هڪ گهربل وقت جو اندازو ضرور لڳائڻ گهرجي تہ جيئن سرگرمين ۾ اضافو ڪري سگهجي. جهڙي طرح مختلف رانديون، گيت ڳائڻ، ٻارن کان ڊرائينگ يا پينٽنگ ٺهرائڻ يا ڪنهن بہ قسم جي آرٽ جو ڪم، ڇو جو ان طرح جون سرگرميون ٻارن کي پنهنجا احساس ۽ جذبات ظاهر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون.
  - ❑ حساب ۽ ٻين لکڻ جي مشقن کانسواءِ روزانو 2 ڪلاڪ جي سرگرمين جو منصوبو ٺاهي سگهجي ٿو.
- استادن کي اسڪول جي ٻارن سان اهڙي ڳالهہ ٻولهہ جاري رکڻ گهرجي جنهن ۾ ٻار ڳالهائي سگهن ۽ اظهار ڪري سگهن تہ انهن سان ڇا ٿيو ۽ ڪهڙو معاملو انهن کي پريشان ڪري رهيو آهي.

- استاد والدين کي پنهنجي ٻارن جي مسئلن کان آگاهه ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

❑ استاد جماعت ۾ ٻارن جو مشاهدو ڪري سگهن ٿا ته انهن مان ڪنهن کي ڪو مسئلو ته ناهي، اهي والدين کي ٻڌائي سگهن ٿا ته گهر ۾ ٻارن کي پيهر پر اعتماد ڪهڙي طرح بڻائي سگهجي ٿو (ڪهاڻيون ٻڌائي، ٻارن جي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺي ڪري وغيره وغيره)



## امدادي ڪارڪن ۽ رضاڪار بحالي جي عمل ۾ مدد ڪري سگهن ٿا

- امدادي ڪارڪن ۽ رضاڪار ٻارن ۽ وڏن لاءِ بہ خصوصي سرگرميون منعقد ڪرائين تہ جيئن انهن کي آفت جي نتيجي ۾ پيش ايندڙ واقعن جي اثرن مان ڪڍي سگهجي.
  - ❑ ماڻهن کي آرٽ جو ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏين. انهن کي ڊرائينگ بڻائڻ جي لاءِ ڪاغذ ۽ رنگين پينسل مهيا ڪريو ۽ راندين ۽ گيتن جو هڪ مقابلو منعقد ڪرايو.
- ٻهرين کان موجود اسڪول ۾ پڙهائي شروع ڪئي وڃي ۽ جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي ڪئمپن ۾ نوان اسڪول قائم ڪيا وڃن (تصوير ڏسو ڪهڙي ريت اسڪول صحتيابي ۾ ٻارن جي مدد ڪري سگهن ٿا)
- ٻارن لاءِ خصوصي جڳهہ مخصوص ڪئي وڃي جهڙي ريت موج مستي ڪرڻ لاءِ هڪ خيمو يا راند لاءِ ميدان ۾ هڪ جڳهہ.
- متاثرين جو ڌيان مستقبل ڏانهن ڇڪائڻ لاءِ اميدن ۽ خواهشن جو هڪ وڻ ٺاهيو وڃي.

## نفسياتي ماهر يا ذهني بيمارين جي ماهر ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

- نفسياتي ماهر پنهنجو مخصوص علم ۽ طريقڪار استعمال ڪري سگهن ٿا (مثال طور صدمي جو شڪار ماڻهن جي ڪهڙي شيءِ مدد ڪري سگهي ٿي؟ ٻار ۽ وڏا ڪهڙي طرح جذباتي طور صحتياب ٿي سگهن ٿا؟ اوهان ڪهڙي طرح متاثرين سان نتيجا ڏيندڙ بحث ڪري سگهو ٿا؟)
- ذهني بيمارين جا ماهر پنهجي مخصوص علم ڪانسواءِ دوائون به استعمال ڪري سگهن ٿا. (جيئن ذهني سڪون ڏيندڙ ۽ ڇڪتاڻ ختم ڪندڙ دوائون وغيره)



# آفت کانپوءِ جذباتي ۽ نفسياتي صحتيابي جي لاءِ بنيادي حڪمت عمليون

آفت کانپوءِ متاثرين جو پنهنجي نقصانن جي متعلق درد ۽ افسوس بيان ڪرڻ کان ٻه مٿي هوندو آهي. البت هڪ خاص عرصي کانپوءِ ماڻهن کي جيترو ممڪن ٿي سگهي، صحتياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي زندگي جي نين حقيقتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

نفسياتي ماهر ۽ ذهني بيمارين جا ماهر ٻئي صدمي ۾ ورتل ماڻهن جي مدد ڪري سگهن ٿا. جڏهن ڪا قدرتي آفت نازل ٿي ويندي آهي ته سڀ کان وڏو مسئلو هميشه ماهرن جي گهٽ هجڻ هوندو آهي. هڪ ٻيو مسئلو اهو ٻه هوندو ته ڪجهه ماڻهو سخت جذباتي صدمي ۾ هجڻ جي نتيجي ۾ ماهرن سان ڳالهه ڪرڻ لاءِ راضي نه هوندا آهن .

امدادي ڪارڪن جي حيثيت ۾ اوهان کي زنده بچي ويلن کي صحتيابي جون حڪمت عمليون ٻڌائڻ گهرجن ،انهن جي مددگار ثابت ٿي سگهندڙ خيالن سان رهنمائي ڪريو ته ڪهڙي طرح اهي جذباتي ڇڪتاڻ مان نڪري سگهن ٿا.

## ٻارن ۽ نوجوانن جي لاءِ حالتن کي منهن ڏيڻ واريون حڪمت عمليون

- امدادي ڪارڪنن کي گهرجي ته ماڻهن کي پاڻ پنهنجين اوليتن بابت ڳالهيون ڪرڻ لاءِ قائل ڪن.
- امدادي ڪارڪن ماڻهن سان گڏ انهن جي خيمن، گهرن يا ڪنهن مرڪز ۾ ويهي سگهن ٿا ۽ تباهي بابت ماڻهن کي نقصانن ۽ انهن جي پريشانين ۽ حالتن بابت بحث ڪري سگهن ٿا. ان حوالي سان اعتماد جي هڪ سٺي فضا قائم ڪن. ماڻهن جي حوصلا افزائي ڪريو ته اهي پنهنجي خيالن ۾ تجربا هڪ ٻئي کي ٻڌائين.

مثال طور هڪ ماءُ چئي سگهي ٿي ته ان جو ٻار رات جو ننڊ صحيح نٿو ڪري ۽ ڪا ٻي ماءُ پهرين کان ئي اهڙو مسئلو رکندي هئي، پر جڏهن کان هن رات جو پنهنجي ٻار کي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي ته ٻار هاڻ سمهي رهي ٿو. ان طرح جي مثالن جي ڏي وٺ ڪرڻ سان مسئلن ۽ انهن جو حل ٻه نڪري ايندو آهي.

- ماڻهن کي ٻڌايو ته گهڻا ئي ردعمل جن جو اهي تجربو ڪري رهيا آهن، بلڪل عام رواج آهن مثال طور ماضي جون يادون، برا خواب، اوهان انهن کي يقين ڏياريو ۽ انهن کي ٻڌايو ته اهي چريا نه پيا ٿين.

- زنده بچي ويلن جي حوصلي افزائي ڪريو تہ اهي پنهنجين روزاني جي سرگرمين ڏانهن واپس موٽي وڃن.

❑ ٻارن کي ان ڳالهہ تي راضي ڪريو تہ اهي صبح جو سوير اٿن ۽ اسڪول وڃن ۽ ان سان گڏ گڏ گهر جو ڪم بہ ڪن.

❑ والدين کي ٻارن جي حوالي سان انهن جي ذميوارين جي يادگيري ڏيارين. انهن کي خاندان جي سربراهہ واري فرض يعني خاندان جي سار سنڀال متعلق ياد ڪرايو.

امدادي ڪم ۽ ٻيهر تعمير جا ڪم ورهائڻ جي ڪوشش ڪريو. مقامي آبادي کي مخصوص ڪم سونپيو.

- "شرڪت گاهہ" جي امدادي ڪارڪنن مشاهدو ڪيو آهي تہ ڪمزور ماڻهن (بيواهن، پوڙهن ماڻهن) ورهاست ڪيل ڪاٺ ۽ اوزارن جي ذريعي پناهہ گاهن يعني عارضي گهر تعمير ڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر اهي ڪري نہ پئي سگهيا. جيئن تہ امدادي ڪارڪنن جو تعداد ايترو گهڻو نہ هو جو سمورن متاثر ماڻهن جي مدد ڪري سگهن ها. ان ڪري انهن ڪجهہ مقامي نوجوانن کي انهن ماڻهن جي مدد لاءِ همٿايو.
- ان ڳالہ کي يقيني بڻايو تہ ماڻهو واندا نہ ويهن.
- ماڻهن کي اڳتي وڌڻ ۽ مستقبل جي باري ۾ سوچڻ لاءِ سرگرم انداز ۾ حوصلي افزائي ڪئي وڃي. انهن کي چيو وڃي تہ اهي پنهنجي مستقبل جي منصوبن کي پٽ تي پيل مٽي يا هڪ ڪاغذ تي ڏاهين. مستقبل جي گهر جي ڊرائينگ ڏاهڻ جي ڪوشش حقيقت جي طور تي دراصل نئون گهر بنائڻ جي امڪانن کي وڌيڪ روشن ڪري ڇڏي ٿي. زنده بچي ويلن سان انهن جي خواهشن ۽ مستقبل جي اميدن جي باري ۾ هڪ بحث مباحثي جي شروعات ڪن.
- متاثرين کي روحانيت ۽ مذهب ياد ڏياريو. اهو عمل انهن جي صحت يابي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. اهي عبادت ۽ ايمان ذريعي اميد حاصل ڪري سگهن ٿا.
- جيڪي عورتون پنهنجا مڙس وڃائي چڪيون هجن، انهن جي حوصلہ افزائي ڪريو تہ اهي خاندان جي سربراهہ طور عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين.
- عورتن کي فيصلو ڪرڻ جي طاقت ڏيو. مثال طور عورتن کي ان معاملي ۾ راءِ جو اظهارڪرڻ گهرجي تہ ڪهڙي طرح جون امدادي شيون سڀ کان وڌيڪ ضروري آهن ۽ اهو تہ عارضي رهائش گاهون ۽ خيما ڪهڙي ريت لڳائڻ گهرجن.
- مقامي آبادي ۾ مرڪز قائم ڪريو. ان سان گڏ ماڻهن لاءِ هڪ جاءِ فراهم ڪريو. جتي اهي خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن ۽ پنهنجين مهارتن ۾ اضافو ڪري سگهن ( جيئن عورتون، موتي پروئڻ، ڪڙهائي ڪرڻ ۽ هٿ سان ٺهيل شيون ٺاهڻ جو ڪم ڪن)

ڪارڪنن ڪي انهن مرڪزن ۾ مشورن يا ڪنهن ب قسم جي مدد لاءِ ضرور موجود رهڻ گهرجي.

- مقامي آبادي جي ماڻهن کي هڪ ٻئي جي فرضن جي ياد ڳيري ڏيارڻ ۽ هر فرد کي ٻئي جي مدد ڪرڻ ۽ آرام ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.



## والدين تي خاندان جي بهبود جي لاءِ هڪ عظيم ذميواري لاڳو ٿئي ٿي

امدادي ڪارڪنن کي والدين جي حوصلي افزائي ڪرڻ گهرجي ته اهي پنهنجي ٻارن جي بهتري جي لاءِ سار سنڀال ڪن. جيتوڻيڪ ان وقت به جڏهن والدين خاندان جي ٻين فردن جي وڃائڻ تي سوڳ ۾ ٻڏل هجن. والدين کي ٻڌايو ته:

- ٻارن کي آرام ڏين ۽ انهن جو اعتماد بحال ڪن.
- اسڪول ۾ ٻارن جي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺن. انهن کان پڇن ته سندن ڏينهن ڪيئن گذريو.
- ٻارن کي بستري تي پاڻ ڇڏڻ وڃن ۽ انهن کي ڪهاڻيون ٻڌائين. انهن سان گڏجي گيت ڳائين. انهن سان گڏجي دعا ڪن ۽ انهن جا هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺن.
- چانهه جو هڪ ڪپ تيار ڪن ۽ ٻارن سان گڏ وقت گذارين.
- خاندان جي ڪجهه ماڻهن جي وڃائڻ جو اهو نتيجو هرگز نه هجڻ گهرجي ته خاندان جي زنده بچي ويل ماڻهن کي نظر انداز ڪيو وڃي.

# امدادي ڪارڪنن کي پنهنجي ڪمن ۾ مقامي آبادي کي ضرور شامل ڪرڻ گهرجي

مثبت ۽ سٺو امدادي ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجين سرگرمين ۾ مقامي آبادي جي ماڻهن کي شامل ڪرڻ گهڻو فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو. امدادي ڪارڪن طور مقامي رهواسين سان سٺو ورتاءُ ۽ تعلق پيدا ڪريو ۽ پنهنجي بهتر ساک قائم ڪريو. انهن سان گڏ اتحاد ۽ يڪجهتي جو مظاهرو ڪريو ۽ ثابت ڪريو ته اوهان انهن جي بهبود ۾ دلچسپي رکو ٿا. مقامي آبادي کي امدادي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ ان لاءِ به ضروري آهي ته انهي سان امدادي ڪارڪن کي اڻ ٿڪيا ڪم مڪمل ڪرڻ جو دٻاءُ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

نوجوان نسل ۽ اسڪول جي وڏن ٻارن کي پنهنجي سرگرمين ۾ شامل ڪريو. اهي عام طور امدادي ڪمن ۾ حصو وٺڻ کي پسند ڪندا آهن ۽ رضاڪار طور ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن.

# مقامي آبادي کي امدادي ڪارروائين ۾ شامل ڪرڻ وقت هيٺيان طريقا فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿا

- صورتحال، ضرورتن ۽ وڏن مسئلن جو بنا دير اندازو لڳايو.
- عورتن جي مخصوص معاملن جي جاچ پڙتال ڪريو.
- هڪ اجنبي ۽ مقامي آبادي کان بي خبر هئڻ جي ڪري ضروري آهي ته اوهان مقامي آبادي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. انهن جي ضرورتن جي کوجنا ڪريو.
- مقامي آبادي کي معاملن ۾ شامل ڪريو ڪا به ڳالهه انهن تي لاڳو نه ڪريو.
- وڏن سان ملو ۽ انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪريو.
- مقامي آبادي جي اڳواڻن جي ڳولا ڪريو ۽ انهن تائين رسائي حاصل ڪريو. زنده بچي ويلن سان گڏ انهن جي جذبات ۽ ڳڻتين بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو.
- ماڻهن جون ڳالهيون غور سان ٻڌو ۽ انهن کي ڏيکاريو ته اوهان انهن جي ڳڻتين تي سنجيدگي سان غور ڪري رهيا آهيو.
- سرگرمي ڏيکارڻ ۽ پنهنجي حالت بهتر بڻائڻ جي حوالي سان برادرين جي حوصله افزائي ڪريو.
- ماڻهن لاءِ ڪم تلاش ڪريو. ماڻهن کي ڪم ۾ شامل ڪرڻ سان انهن ۾ پنهنجي اهم ۽ ضروري هجڻ جو خيال پيدا ٿيندو.

# اهي مشڪلاتون جن کي آفت سٽيل ماحول ۾ ڪم ڪندي امدادي ڪارڪن منهن ڏيندا آهن

**امدادي ڪارڪن طور ڪوڙ سارا ڪم اوهان جي انتظار ۾ هوندا آهن، پنهنجي ڪم کي ورهايو.**

زلزلي يا ڪنهن ٻئي قسم جي آفت سان متاثر ٿيل علائقي ۾ ڪرڻ وارا ڪم ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم وڏيڪ ۽ تمام گهڻو وڌا ٿي سگهن ٿا.

جيترو جلدي ٿي سگهي طبي سهولت فراهم ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي، خوراڪ ورهائڻ گهرجي ۽ گهربل مدد ۽ بحالي لاءِ ضروري شين جي تيز ۽ سان فراهميءَ سان گڏ گڏ عارضي رهائشگاهون جوڙڻ گهرجن. گهٽ ئي ماڻهن کي امداد ۽ ڪارڪنن جي مدد جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. مدد ڪرڻ وارن کي گهرجي تہ مقامي آبادي کي ان ڪم ۾ شامل ڪن، انهن کي ڪم ورهائڻ گهرجي. ان لاءِ سڀ کان پهرين اهو فيصلو ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪهڙا ڪم مقامي آبادي کي ڏيڻ گهرجن ۽ ڪهڙا ڪم پاڻ کي ڪرڻ گهرجن.

## امدادي ڪارڪن طور پنهنجي ڪم کي ڪيئن پورو ڪرڻ گهرجي

امدادي ڪارڪن جي طور تي اوهان کي پنهنجي ڪم جون اوليتون مقرر ڪرڻيون پونديون. اوهان پنهنجي ڪمن جو انتظام ڪرڻ لاءِ ڪهڙو طريقو استعمال ڪندا؟ اصل ۾ ڪهڙي قسم جي مدد فراهم ڪرڻ گهرجي؟

- ان جي معلومات وٺو تہ ڪهڙي قسم جي مدد ۽ امدادي شين جي سڀ کان وڏيڪ ضرورت آهي.
- طئي ڪريو تہ ڪهڙا ڪم مقامي آبادي جي ماڻهن ۾ ورهائي سگهجن ٿا.
- ڪمن ۾ مقامي آبادي کي شامل ڪريو.
- معلومات وٺو تہ مقامي آبادي جا اصل اڳواڻ ڪهڙا آهن. اهي مقامي آبادي تائين پهچ ۽ امدادي ڪم ۾ ماڻهن کي شريڪ ڪرڻ لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. مضبوط ۽ طاقتور ماڻهن کي غير محفوظ ۽ ڪمزور ماڻهن کي (تازو ڄاول ٻارڙن، پوڙهن ۽ بيواهن) جي مدد ڪرڻ گهرجي.

## برن آئوٽ سنڊروم (The burn out syndrome)

امدادي ڪارڪنن کي تمام گهڻو وڏيڪ عام طورتي خراب جسماني حالتن ۾ پنهنجا ڪم پورا ڪرڻا پوندا آهن ۽ بربادي توڙي اداسي جي ماحول ۾ ڪم ڪرڻو پوندو آهي. تنهن ڪري انهن جون سرگرميون جسماني سان گڏوگڏ جذباتي لحاظ کان بہ ٿڪاوٽ جو سبب بڻجن ٿيون. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ امدادي ڪارڪن پاڻ صدمي جو شڪار ٿي ويندا آهن. اهي بہ خطرناڪ آفت کان بچي ويل ماڻهن جيان علامتن ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن (جيئن ماضي جي ياد ۾ ڇڪتاڻ، پڇتاءُ، اداسي ۽ ننڊ ۾ بيقاعدگي) اڪثر امدادي ڪارڪن متاثرين جي مدد جاري رکندي ”برن آئوٽ سنڊروم“ جو شڪار ٿي وڃن ٿا.

ذاتي ارادي جي مضبوطي ۽ توانائي جيڪا مدد ڪرڻ وارا پنهنجي ڪتب آڻن ٿا، آفت کانپوءِ واري صورتحال کي بهتر ڪرڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ٿي. پر اهو توهان جي ڪم جو سڀ کان وڏيڪ ٿڪاوٽ ڏيڻ وارو حصو بہ ٿي سگهي ٿو.

### برن آئوٽ سنڊروم تي قابو پائڻ لاءِ يا ان کان بچڻ لاءِ سرگرميون

- ڪم ۾ باقاعدي وقفو ڪريو. پنهنجو ماحول تبديل ڪريو ۽ ڪجهہ ڏينهن لاءِ موڪلون وٺو.
- پنهنجي روز مرهہ جي ڪم ۾ تبديلي آڻيو. ٽيم جو ڪهڙو مددگار ساٿي صحيح ڪم ڪري ٿو؟ ڇا توهان پنهنجي ڪم ڪندڙ ساٿي سان پنهنجين ذميوارين بابت ويچار ونڊي سگهو ٿا.
- هيٺين قدمن سان اوهان پاڻ کي بهتر محسوس ڪندا ۽ تازا توانا ٿي ويندؤ.
  - ❑ سير لاءِ وڃو.
  - ❑ موسيقي ٻڌو.
  - ❑ خوش رهڻ واريون سرگرميون ڪريو (ڪنهن پڇتاءُ کانسوءِ)
  - ❑ ننڊ پوري ڪريو.
  - ❑ عبادت ڪريو مراقبہ ڪريو.
- هر شيءِ کي پاڻ مرادو ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.
  - ❑ پنهنجا ڪم ورهايو.
  - ❑ ماڻهن کي بطور رضاڪار ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو.
  - ❑ مقامي آبادي کي پنهنجي ڪم ۾ شامل ڪريو.
- امدادي ڪم ڪندڙ ساٿين کي هڪ ٻئي جي ضرور مدد ڪرڻ گهرجي.

گڏ ڪم ڪندڙن کي پنهنجا خيال ٻڌايو انفرادي طور تي توهان صرف اداس ۽ منفي شيون ڏسي سگهو ٿا. گروپ شين جي باري ۾ اوهان جي اندازي کي درست ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

- ❑ امڪاني برن آئوٽ کان بچڻ لاءِ امدادي ڪارڪنن جي لاءِ بحث مباحثي جو انتظام ڪريو.

# جڏهن امدادي ڪيمپون بند ٿي وڃن ۽ ماڻهو واپس پنهنجي اصلي جڳهين ڏانهن هليا وڃن

پاڪستان ۾ آڪٽوبر 2005ع جي زلزلي جي نتيجي ۾ لڳ ڀڳ 2 لک ماڻهو عارضي رهائشگاهن ۽ خيمن تي ٻڌل ڪيمپن ۾ رهڻ تي مجبور ٿي ويا هئا. گهڻا ماڻهو پنهنجي گهرن کي ڇڏڻ کان گهبرائي رهيا هئا، پر حالتن ۽ واقعن انهن لاءِ ٻيو ڪوبه متبادل رستو به نه ڇڏيو هو. اهي ملڪ اندر لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو پوري صوبي سرحد ۽ آزاد ڪشمير جي مختلف ڪيمپن ۾ رهڻ لڳا.

موجوده حالتن ۾ امدادي ڪارڪنن کي انهن ماڻهن کي اصلي جڳهين ڏانهن واپسي لاءِ ضرور مدد ڪرڻ گهرجي. ڪيمپن ۾ ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جون حالتون معلوم ڪرڻ گهرجن. ڪيمپن ۾ هڪ سروي ڪريو ته اتي ترسيل ماڻهو ڪٿان ڪان آيا آهن؟ ۽ جڏهن عارضي ڪئمپون بند ٿي وينديون ته اهي ڪيڏانهن وڃي رهي سگهن ٿا؟ غير محفوظ يا ڪمزور ماڻهن جي خصوصي طور تي هڪ فهرست ٺاهيو جيئن معذور ماڻهو، پوڙها، يتيم ۽ اهي عورتون جيڪي پنهنجي خاندان جا مرد ماڻهو وڃائي چڪيون هجن.

گهڻا ئي ماڻهو جيڪي متاثر ٿيل جاءِ تي ئي رهيل آهن، پنهنجي دوستن ۽ عزيزن جي واپسي کي گهڻو بهتر نموني خوش آمديد چوندا تنهن جي باوجود ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا جيڪي واپس ايندڙن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڇڏڻ ۽ آسان رستو ڳولڻ ۽ عارضي ڪيمپن ۾ پناهه حاصل ڪرڻ تي وڌيڪ زور ڀريندا.

آفت ڪانپوءِ واري حالت ۾ هڪ ٻيو مسئلو به پيدا ٿي سگهي ٿو ته خيمن مان واپس ايندڙ مقامي آبادي پوئتي رهجي وئي هئي يا ماڻهو حڪومت کان گهڻيون اميدون رکيون ويٺا هئا، اهي سوچيندا ته حڪومت کي گهڻين ئي ٻين شين سان گڏگڏ پاڻي ۽ بجلي به فراهم ڪرڻ گهرجي. ان هوندي به حڪومت کي متاثر ماڻهن جي مالي مدد به ڪرڻ گهرجي. گهڻا ئي ماڻهو امداد جي فراهمي ۾ سست رفتاري، ضرورت کان گهٽ امداد جي فراهمي يا امداد ۽ سهڪار جي موجود ئي نه هجڻ تي مايوس ٿي ويندا. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجون اصل جڳهيون ڇڏي چڪا هجن انهن لاءِ سولو نٿو هجي ته اهي واپس پنهنجي گهرن ۾ ٻيهر رهائش پذير ٿي سگهن.

جيڪي ماڻهو متاثر علائقي ۾ ترسي پوندا آهن اهي حالتن تي وڌيڪ بهتر نموني قابو پائي سگهن ٿا. آفت نازل ٿيڻ بعد اهي فوري طور تي نين حالتن موجب پاڻ کي تيار ڪندا آهن ۽ اها شيءِ انهن کي وڌيڪ خود مختيار بڻائي ٿي.

# امدادي ڪارڪنن کي ڪيمپن ۾ موجود ماڻهن جي واپسي ۾ مدد ڪرڻ گهرجي

- امدادي ڪارڪن ڪيمپن ۾ رهندڙ ماڻهن جي واپسي کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪن.
- ان ڳالهه جو جائزو وٺن ته ڪير ڪٿان ڪان آيو ۽ ڪير پنهنجي اصلي ڳوٺ موٽڻ جي قابل آهي.
- هنگامي مرڪز قائم ڪيا وڃن ، جن تائين انهن ماڻهن کي پهچ حاصل هجي. جيڪي پاڻ واپس وڃڻ جي قابل نه هجن اهڙا ماڻهو (پوڙها ماڻهو، معذور ۽ زخمي ماڻهو، بيواهه عورتون) جن وٽ واپس وڃڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ لاءِ جاءِ نه هجي، نه ڪوگهر ۽ نه ئي وري زمين.
- ڪهڙا ماڻهو آهن جن وٽ گهر، روڪ رقم بلڪل ناهي؟ ڇا ڪيمپن ۾ اهڙيون عورتون موجود هيون جيڪي پنهنجا مڙس وڃائي چڪيون آهن؟ غير محفوظ يا ڪمزور ماڻهن لاءِ عبوري ڪيمپون قائم ڪيون وڃن.
- رضاڪارن جا گروهه ترتيب ڏين جيڪي ماڻهن کي انهن جي مقامي آبادي تائين واپسي جا ذميوار هجن.
- ماڻهن کي واپس وڃڻ لاءِ تيار ڪن. انهن کي ٻڌائين ته جڏهن اهي گهرن ڏانهن واپس ويندا ته اهي ڪهڙي قسم جي مدد جي اميد ڪري سگهن ٿا ۽ واپسي تي انهن کي ڪهڙي قسم جي حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو.
- پويان رهجي ويندڙ مقامي ماڻهن کي پاڙيسرين، خاندان جي ماڻهن، عزيزن ۽ دوستن جي واپسي جي لاءِ ذهني طور تيار ڪن. مقامي آبادي جيڪا برباد ٿيل علائقي ۾ ئي ترسيل هجي، ڪان انهن جي خدشن، اوليتن ۽ خيالن بابت ڳالهه ٻولهه ڪن.



# مسئلا جن جي امدادي ڪارڪنن کي آفت کان پوءِ لازمي ڄاڻ هجڻ گهرجي

ڪاٿي آفت نازل ٿيڻ کان پوءِ هر شيءِ وس کان ٻاهر ٿي ويندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ امدادي ڪارڪنن ۽ مقامي برادرين لاءِ اهو يقيني طور ممڪن ئي نہ رهندو آهي تہ اهي هر مسئلي کي فوري طور حل ڪري سگهن. پوءِ بہ انهن سمورن ماڻهن (جيڪي آفت نازل ٿيڻ ڪانپوءِ وارين حالتن ۾ ڪم ڪندا هجن) کي هيٺ ڄاڻايل لڳاتار پيش ايندڙ مسئلن کان آگاهه هجڻ گهرجي. انهن مسئلن جي نشاندهي انهن امدادي ڪارڪنن ۽ تنظيمن پاران ڪئي وئي آهي، جيڪي ماضي ۾ ڪنهن آفت نازل ٿيڻ ڪانپوءِ وارين حالتن ۾ ڪم ڪري چڪيون آهن.

## ڪيمپن ۾ موجود ملڪ اندر هجرت جي عمل مان گذرندڙ ماڻهن جا مسئلا

- خيمن جي ڪيمپن ۾ ڪوبہ پردو مهيا ٿيل نہ هوندو ۽ اها صورتحال عورتن ۽ ڇوڪرين جي لاءِ خاص طور پريشان ڪندڙ هوندي آهي.
- انهن ڪيمپن ۾ پاءِ خانو ۽ وهنجڻ جون مناسب ۽ گهٽيون سهولتون اڪثر نہ هونديون آهن.
- ڪيترين ئي ڪيمپن ۾ عورتن لاءِ ناهيل پاءِ خانا گهٽو پري هوندا آهن ۽ عورتن کي انهن تائين پهچڻ لاءِ مردن جي غسل خاني مان گذرڻو پوندو آهي.
- پاڻي جي نيڪال/پاڻي جي کوٽ: پاڻي ايترو بہ ميسر نہ هوندو آهي جو گهريلو ضرورتون پوريون ٿي سگهن يا صحت وارن معاملن لاءِ استعمال ٿي سگهي.
- عورتن جي صحت واري صورتحال جا معاملا ترجيحي معاملا آهن پر مقامي قدر انهن معاملن تي کليل ڳالهہ ٻولهہ جي اجازت نٿا ڏين.
- صحت وارن مسئلن جي لاءِ نامناسب ۽ اڻ پورا انتظام بيمارين جو خطرو پيدا ڪندا آهن.
- عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ سينٽري پيڊز جي کوٽ هوندي آهي. ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ سينٽري پيڊز امدادي شين طور ميسر هجن ۽ عورتن ۾ ورهايون وڃن. عورت امدادي ڪارڪنن جي لاءِ ترجيحن ۾ شامل هجڻ گهرجي تہ اهي صحت جي اصولن جا ڪٽس (kits) عورتن ۾ ورهائين. جيڪڏهن ڪا عورت امدادي ڪارڪن موجود نہ هجي تہ ڪيمپن

۾ رهندڙ عورتن کي ان ڪم لاءِ راضي ڪرڻ گهرجي.

- ڳورهارين عورتن لاءِ نامناسب ۽ اڻپوري خوراڪ مسئلن جو سبب بڻجي ٿي.

## عورتن جي حفاظت

- **خوف، تحفظ نہ هئڻ:** عورتون اڪثر ڪيمپن ۾ تحفظ محسوس نہ ڪنديون آهن، اهي ماڻهن جي گهيري ۾ رهڻ ۽ انهن کي حراسان ڪرڻ جي هڪ خوف ۾ لڳاتار مبتلا رهنديون آهن.
- عورتون پاءِ خانو استعمال ڪرڻ ۾ خوف محسوس ڪنديون آهن. ڇو جو ان لاءِ ڪين گهڻو پري وڃڻو پوندو آهي. مرد انهن جو پيڇو ڪري سگهن ٿا ۽ پاءِ خاني جا مناسب دروازا نہ هوندا آهن، جنهن سان عورتن کي حراسان ڪري سگهڻ جا خطرا وڌي ويندا آهن.
- خيما ڪليل هوندا آهن ۽ ڪو بہ ڪنهن بہ وقت انهن ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.
- مردن پاران زباني طور بہ حراسان ڪيو ويندو آهي جيئن جملا هڻڻ، آواز لڳائڻ وغيره.
- عورتن کي جنسي طور تي بہ حراسان ڪيو ويندو آهي، اهڙي طرح جا واقعا رونما ٿيندا آهن.
- گهريلو تشدد: عورتن تي گهريلو تشدد ڪيو ويندو آهي.
- مرد روزگار نہ هجڻ يا سرگرمين جي گهٽتائي جي ڪري محرومي جو شڪار هوندا آهن ۽ غير منصفاڻي طور تي عورتن تي پنهنجي ڪاوڙ ڇنڊيندا آهن.

## معاشري سان لاڳاپيل مسئلا

- هڪ مقامي علائقي جا مرد ڪنهن ٻئي مقامي علائقي جي عورتن جو احترام نٿا ڪن.
- عورتن جي ڪم ڪرڻ تي مدي خارج نظرين جو ٽڪراءُ. اهو سوال تہ اهي عورتون گهر کان ٻاهر ڇو نڪري رهيون آهن ۽ پنهنجي حق لاءِ ڳالهائي ڇو رهيون آهن.
- ٻاهرين امداد تي ڀاڙڻ.
- پيئڻ جو پاڻي
- ملڪ اندر هجرت ڪرڻ وارن ڪيمپن ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي سگهي ٿي. ڇو جو مختلف برادرين ۽ علائقن جا ماڻهو اچي انهن عارضي رهائشگاهن ۾ گڏ رهندا آهن. اهي مختلف خيال، رواجن، مذهبن ۽ مختلف خاندانن سان تعلق رکندا آهن.

## امداد مستحق ماڻهن تائين نٿي پهچي

- ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيندڙن ٻڌايو تہ بدعنواني هڪ وڏو مسئلو آهي، متاثرين جو خيال هوندو آهي تہ حڪومتي ڪارندا پنهنجي ماڻهن جي حمايت ڪن ٿا. گهڻن ئي ماڻهن جو راشن

صرف چند ماڻهن ۾ ورهايو ويجي ٿو. اهڙي ريت شين جي گهٽ وڌائي جي بنياد تي ورهاست ٿيندي آهي.

- امدادي اسڪيمن جي پرچار سٺي نموني سان نٿي ڪئي ويجي. حڪمت عمليون گهڻو خراب انداز ۾ بڌايون ويندي آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي ذاتي حالت جي ڪري ڪجهه ضروري شيون يا روڪ رقم حاصل ڪرڻ جا حقدار هوندا آهن. انهن کي گهڻو دير سان موجود امداد جي ڄاڻ ملندي آهي.
- حڪومت، تنظيمون، امدادي ڪارڪنن ۽ متاثرن وچ ۾ ڪم کي منظم ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي حوالي سان غير واضح ۽ اڻپوري معلومات جي ڏي وٺ ٿيندي آهي.





كنهن آفت كي موجوده حقيقتن ۾ بهتري جو هڪ موقعو سمجهڻ گهرجي. عورتن جي معاملن كي كڻڻ گهرجي ۽ ٻارن كي اسكول موكلڻ يا انهن كي طبي سهولتون فراهم كرڻ سان ٻ انهن جي حالتن كي بهتر كري سگهجي ٿو.

# چونهن آفت ۾ تباهي کي تعمير ۾ بهتري جو موقعو بڻائي ڇڏيون

## عورتن لاءِ فائيديمند تبديليون

شرڪت گاهه جي امدادي ڪارڪنن عورتن لاءِ انهن جي لاڳاپيل مقامي علائقن ۾ فائيديمند تبديلين جو مشاهدو ڪيو. جڏهن شرڪت گاهه جا فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو امدادي شين سان گڏ پنج گران (آزاد ڪشمير) پهتا ته ڪابه عورت راشن ۽ ڪپڙا وٺڻ نه آئي. ان جو جزوي سبب اهو هو ته انهن جا خاندان انهن کي اجازت نه ڏيندا هئا ته اهي گهر کان ٻاهر نڪرن. زلزلو اچڻ کان اڳ به انهن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هئي پر امدادي ڪارڪنن ۽ متاثرن وچ ۾ هڪ تعلق قائم ٿي ويو ته عورتون پنهنجي وقتي رهائش گاهن ۽ گهرن کان ٻاهر اچڻ لڳيون ۽ مردن ان تبديلي کي قبول ڪري ورتو.

پنج گران ۾ موجود عورتن تباهي بربادي ڦهلجڻ کان پوءِ هڪ ٻي مثبت تبديلي جي نشاندهي ڪئي. انهن چيو ته انهن جا مڙس پهرين کان وڌيڪ مهربان ٿي ويا ۽ انهن جي وڌيڪ ساراهه ڪرڻ لڳا ڇو جو ڪين احساس ٿي ويو هو ته اهي پنهنجي زالن کي زلزلي ۾ وڃائي سگهيا ٿي.

زلزلي بعد عورتن جي اچ وڃ ۾ اضافو ٿي ويو ڇو جو اهي سرگرمي سان گڏ امدادي ڪم ۾ عملي طور شامل ٿي ويون. مختلف تنظيمن ۽ امدادي ڪارڪنن زلزلي متاثر علائقن ۾ بحالي جي ڪم جي سلسلي ۾ مقامي عورتن جي مدد، رسم ۽ رواج متعلق انهن جي علم ۽ انهن جي خاندانن کي گهربل امداد متعلق انهن جي فراهم ڪيل معلومات تي ڪافي انحصار ڪيو. امدادي ڪارڪنن ۽ مقامي عورتن جي اهڙي خيالن جي ڏي وٺ ۽ معلومات کي هلائڻ جي حوالي سان تعاون، عورتن جي اعتماد ۾ هڪ مثبت اثر پئدا ڪيو.

## تعليم

زلزلي کان اڳ والدين پنهنجي نياڻين کي اسڪول نه موڪليندا هئا. خاص طور " صوبي سرحد ۾ ان حوالي سان صورتحال ڪافي خراب هئي. شرڪت گاهه جي امدادي ڪارڪنن مشاهدو ڪيو ته آفت ڪانپوءِ ڪيمپن ۽ ڳوٺن ۾ گهڻا ئي اسڪول قائم ڪيا ويا ان جي نتيجي ۾ ڇوڪرين اسڪول وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو.

## صحت

جڏهن شرڪت گاهہ جا امدادي ڪارڪن زلزلي متاثر علائقن ۾ ويا تہ گهڻن ئي مردن ۽ عورتن انهن تائين پهچ حاصل ڪئي ۽ انهن کان جم روڪ وارين شين بابت پڇا ڪئي. جم جي شرح تي ضابطو عورتن جي صحت تي هڪ مثبت اثر وجهندو ۽ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ ان سان ٻارن جي ڄمڻ وقت ٿي موت جي شرح ۾ گهٽتائي ٿيندي.

## ماحول

ماڻهن کي جڏهن زلزلي ۽ ان کانپوءِ لينڊ سلائيڊنگ (مٽي جي ڍير جو پهاڙ يا چوٽي تان لڙڪڻ) جو تجربو ٿيو تہ اهي وڻن جي اهميت کان واقف ٿي ويا. آفت کان اڳ انهن گهڻا ئي وڻ وڍيا تہ جيئن انهن کي رڌ پچاءُ ڪرڻ ۽ گرمي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي.

شرڪت گاهہ جي امدادي ڪارڪنن مشاهدو ڪيو تہ ڪجھ ڳوٺ زلزلي کان پهرين بجلي جي نعمت کان محروم هئا، پر ان تباهي ۽ بربادي جي شڪار علائقن ۾ ٻيهر تعمير واري عمل دوران ڪجھ ڳوٺن کي بجلي بہ ملي وئي.

## ٻين مذهبن ۽ ثقافتن جو احترام

زلزلي متاثرن لاءِ پوري دنيا، حڪومت ۽ تنظيمن طرفان امداد آئي. امدادي ڪارڪن بہ پوري دنيا کان مدد لاءِ آيا. ماڻهو مختلف قومن، مذهبن ۽ ثقافتن جي ماڻهن سان گهڻو وڌيڪ امداد حاصل ڪرڻ جي تجربن مان گذريا. شرڪت گاهہ جي ڪارڪنن ڏٺو تہ جيڪي مقامي ماڻهو زلزلي کان پهرين پرڏيهي ماڻهن لاءِ تعصب رکندا هئا، انهن پنهنجي ذهنيت تبديل ڪري ڇڏي ۽ انهن بابت وڌيڪ قابل احترام جذبن جو اظهار ڪرڻ لڳا.

## بهتري لاءِ موقعا

ڪنهن آفت جي نازل ٿيڻ کي موجود حقيقتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ موقعو سمجهڻ گهرجي. خطرناڪ آفت نازل ٿيڻ کان اڳ جيڪي علائقا وسيلن جي حوالي سان نهايت غريب ۽ پوئتي پيل هئا

انهن لاءِ ٻيهر تعمير جو عمل پهرين کان بهتر انفراسٽرڪچر (پاڻي، پاڻي جي نيڪال ۽ روڊن وغيره) پيدا ڪري سگهي ٿو. آفت اچڻ ڪانپوءِ واري صورتحال ۾ عورتن بابت معاملا اٿاري سگهجن ٿا ۽ مقامي ماڻهن سان انهن بابت بحث ڪري سگهجي ٿو (جيئن صحت ۽ لڏپلاڻ وغيره) ان ڪانسوءِ مفت اسڪول اماڻڻ يا انهن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي ويڪسينيشن ڪرائڻ، ٻارن جي حالتن کي بهتر بڻائڻ جو اهو هڪ سٺو موقعو ٿي سگهي ٿو.

ضميمو نمبر ـ 1

## زلزلي متاثرن جي بحاليءَ لاءِ شرڪت گاهه طرفان ڪيل ڪم جو خلاصو

### جون 2006 تائين

| نمبر شمار | شيون | سڌي سنئين ورهاست ۾ لاڳاپيل تنظيم | اڻ سڌي ورهاست شرڪت گاهه (فائدو حاصل ڪندڙن جو تعداد) | علائقا جتي شيون ورهايون ويون: سڌي طرح ورهاست | علائقا جتي شيون ورهايون ويون: اڻ سڌي طرح ورهاست |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | ڪفن | 1010 سنگي، ليبر ايجوڪيشن فائونڊيشن | | بٽگرام ۽ بشام (سرحد) راولاڪوٽ (آزاد ڪشمير) | |
| 2 | نپل (بي بي بوتلون) | 144 ليبر ايجوڪيشن فائونڊيشن | | راولا ڪوٽ (آزاد ڪشمير) | |
| 3 | ٻارن ، مردن ۽ عورتن جا ڪپڙا (چادرون، سئيٽر وغيره) | 2490 سرحد رورل سپورٽ ڪونسل، سنگي | 2857 | ڪوهستان، ايبٽ آباد ، بشام ۽ بٽگرام (سرحد) | يوسي پنج گران (آزاد ڪشمير) مظفر آباد سٽي (آزاد ڪشمير) بشام (سرحد) |
| 4 | خيما ۽ پلاسٽڪ جون چادرون | 250 ليبر ايجوڪيشن فائونڊيشن | | راولاڪوٽ (آزاد ڪشمير) | |
| 5 | سي جي آئي شيٽس ۽ اوزار | *218 گهر 1308 فرد ليبر ايجوڪيشن فائوڊيشن ، عمر اصغر خان ڊولپمينٽ فائوڊيشن، سنگي ، سرحد رورل سپورٽ ڪونسل | *359 گهر 2154 فرد | راولا ڪوٽ (آزاد ڪشمير) ڪوهستان ، آلائي ۽ ايبٽ آباد (سرحد) | يوسي پنج گران (آزاد ڪشمير) |
| 6 | مڪمل بسترا (گدو،هاٽوڪ مبل،پلنگ) | 469 جيڪ ايرا، سنگي ، ليبر اجوڪيشن فائونڊيشن، سرحد رورل سپورٽ ڪونسل | 551 | راولا ڪوٽ (آزاد ڪشمير) بٽگرام،ڪوهستان ۽ ايبٽ آباد (سرحد) | يوسي پنج گران (آزاد ڪشمير) بشام (سرحد) پنجاب يونيورسٽي (پنجاب) |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 7 | ڪائٽ پيئڻ جون شيون | ❋132 گهر<br>792 فرد<br>ليبر ايجوڪيشن<br>فائونڊيشن، سنگي | ❋100 گهر<br>600 فرد | ايبٽ آباد،<br>بٽگرام<br>(سرحد)<br>راولا ڪوٽ<br>(ڪشمير) | بشام (سرحد) |
| 8 | دوائون (ماسڪ ڪاٽن رول، دوائون، ڪپڙي جون پٽيون، سرنجون) | 1500 فرد<br>جيڪ ايرا، ليبر<br>ايجوڪيشن<br>فائونڊيشن، سنگي | | ايبٽ آباد،<br>بشام ۽<br>بٽگرام<br>(سرحد) | |
| 9 | عورتن جي لاءِ صفائي ستڙائيءَ وارعون ڪٽس | 50<br>سنگي | 1000 | بٽگرام<br>(سرحد) | يوسي پنج گران<br>(آزاد ڪشمير) |
| 10 | ٻارن ۽ عورتن لاءِ جوتا ۽ جوراب | 176<br>سنگي | 1800 | بٽگرام<br>سرحد | يوسي پنج گران<br>(آزاد ڪشمير)<br>بشام (سرحد) |
| 11 | 500 چلها، 500 مڻ ڪوئلو، 500 پلاسٽڪ جون چادرون، 500 ٽارچون، 500 ديا | | ❋500 گهر<br>3000 فرد | | يوسي پنج گران |
| 12 | پاڻي جي فراهمي ۾ شرڪت گاهه جو حصو: 20 هزار، مقامي حصو: 5 هزار | | 3 ڳوٺ<br>1200 فرد | | يوسي پنج گران<br>(آزاد ڪشمير) |
| 13 | چلها، ٻارڻ (اينڌڻ) | | ❋750 گهر<br>4875 فرد | | 8 يوسي ضلع<br>ڪوهستان ۽<br>شانگلہ (سرحد) |
| 14 | عورتن جي صحت بهتر بنائڻ لاءِ ضروري ڪٽس، مردن جي لاءِ گرم ڪپڙا | | 1855 فرد | | 8 يوسي ضلع<br>ڪوهستان ۽<br>شانگلہ (سرحد |
| 15 | سي جي آئي شيٽس، اوزار، برتن، پلنگ ۽ مڪمل بسترا | | ❋440<br>گهر<br>2860 فرد | | يوسي پنج گران،<br>مظفر آباد<br>(آزاد ڪشمير) |
| | فائدو حاصل ڪندڙن جو ڪل تعداد | 8,189 | 22,752 | | 30,641 |

❋ ايشين ڊولپمينٽ بينڪ ۽ عالمي بينڪ جي رپورٽ مطابق آزاد جمن ڪشمير ۽ صوبي سرحد ۾ في خاندان فردن جو تعداد 6.5 آهي.

## زلزلي سٽيلن جا خيال، رد عمل ۽ امدادي ڪارڪنن جو طرز عمل:

آفت ڪٽي ڪهڙي به هجي متاثران جي باري ۾ مختلف خيال ۽ رد عمل ظاهر ڪن ٿا ته ڇا ٿيو هو ۽ ڇو ٿيو. آڪٽوبر 2005ع واري دل ڏاريندڙ زلزلي کان بچي ويل ماڻهن جي رد عمل جي حوالي سان به هي ڳالهه بلڪل سچ ثابت ٿئي ٿي. ڪجهه ماڻهن جي آفت ڪانپوءِ واري رد عمل ۽ خيالن جو هيٺين سٽن ۾ مختصر احوال ڏنو ويو آهي.

### ڪجهه خيال / تصور ته زلزلو ڇو آيو؟
### زلزلو ڪجهه گناهن جي سزا آهي.

ڪيترائي ماڻهو ان جا قائل هئا ۽ آهن ته زلزلو ڪجهه گناهن جي نتيجي ۾ آيو. انهن زلزلي بابت ان کان سواءِ ڪا به متبادل وضاحت نه ٿا پيش ڪري سگهن.

### الله تعاليٰ عورتن جي گناهن جي انهن کي سزا ڏني.

هي افواهه ذاتي مفاد رکندڙ ڪجهه گروهن طرفان پکيڙيو ويو آهي. جيڪو زلزليٰ کي گناهن جو نتيجو قرار ڏيڻ واري عام خيال جي بنياد تي آهي. حقيقت اها آهي ته ڪجهه مذهبي مبلغن يا مولوين جي دعويٰ آهي ته زلزلو "انهن سيني اگهاڙين عورتن"[1] سبب آيو آهي. اهڙين تهمتن پهريان کان ئي آفت سٽيل آسانيءَ سان اثر قبول ڪندڙ عورتن کي وڌيڪ ڏيهاري چڙهيو. ڪجهه ڪيمپن ۾، عورت امدادي ڪارڪنن دنيا کي ٻڌائڻ لاءِ هڪ پيغام ڏنو "خدا جي واسطي، اسان اوهان کان امدادي شين جو سوال نه ٿيون ڪريون، اسان کي ڪجهه نه ٿو گهرجي، پر اسان توهان کي منٿ ٿيون ڪريون ته دنيا کي ٻڌايو ته اسان گناهگار عورتون ناهيون."[2]

1. ورتل: عمر اصغر خان ڊولپمينٽ فائونڊيشن ارٿ ڪئيڪ ريسپانس 2005: ٽئين ۽ چوٿين هفتي واري پروگريس رپورٽ 22 آڪٽوبر کان 4 نومبر 2005.
2. شرڪت گاهه ۽ پنج ٻين تنظيمن طرفان ڪيمپ ۾ موجود عورتن سان ڪيل انٽرويوز جيڪي بچي ويل عورتن جي ضرورتن جي حوالي سان شروعاتي تجزئي تي مبني هئا.

## زمين ڏڳي جي سڱن تي بيٺل آهي ۽ ڏڳي متو لوڏيو آهي.

هڪ خيال اهو آهي ته هڪ ڏڳو پٽر تي بيٺل آهي ۽ ان زمين کي پنهنجي سڱن تي متوازن ڪيو آهي ۽ وقت گذرڻ سان ان جو ٻاڻو ٿڪجي پوي ٿو. ته هو زمين کي هڪ سڱ کان ٻئي سڱ تي حرڪت ڏئي ٿو ته جيئن ٻانٽي کي ساهي ملي سگهي ان حرڪت سبب زلزلو اچي ٿو. هي هڪ پراڻي ڪهاڻي آهي جيڪا هن علائقي جي ماڻهن جي چوڻ موجب اهي ابن ڏاڏن کان ٻڌندا اچن ٿا.

## زلزلي بابت سائنسي دليل:

جڏهن زمين هيٺ ٽيڪ ٽونڪ پليٽون حرڪت ڪندي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿيون ته زلزلا ايندا آهن. هي هڪ نئين وضاحت هئي جيڪا امدادي ڪارڪنن ماڻهن کي ٻڌائي، متاثر علائقي جي ڪيترن ئي ماڻهن، جن زميني سائنس ڪڏهن به نه پڙهي هئي، انهن جي لاءِ ٽيڪ ٽونڪ پليٽن جي موجودگي واري ڳالهه ڏڳي واري ڳالهه وانگر يقين ڪرڻ جهڙي نه هئي.

## انهن خيالن بابت امدادي ڪارڪنن جو طرز عمل:

انهن ماڻهن آڏو هنن اڻ وڻندڙ قدرتي مصيبتن (زلزلو سونامي) جي امڪاني سببن جي وضاحت ڪريو جيڪي قدرتي آفت سبب پيوڳي چڪا هجن. زلزلي يا ٻين قدرتي آفتن جي سببن واري بحث ۾ متاثرن ۽ مقامي اڳواڻن (جتي مناسب هجي اتي مذهبي اڳواڻ) کي بحث ۾ شامل ڪريو ۽ انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻايو ته اهڙا بحث مباحثا مقامي آبادي جي ماڻهن (جن ۾ عورتون يا مختلف نسلي يا مذهبي گروهه به شامل هجن) وچ ۾ ڪرايا وڃن. ٻين قدرتي آفتن جا مثال ڏيو ماڻهن، خاص ڪري متاثر عورتن کي خاطري ڪرايو ته انهن اهڙي ڪا به برائي ناهي ڪئي جنهن جي ڪري هيءَ آفت نازل ٿي آهي.

## جذباتي ۽ جسماني مسئلا:

ٻار ۽ وڏا سڀ زخمن ۽ بيمارين جي ور چڙهڻ کانسواءِ ٻين مسئلن جي به شڪايت ڪن ٿا. جهڙوڪ: ننڊ ۾ خلل پوڻ، خوراڪ ۾ بي قاعدگي، مٿي جو سور، پيٽ ۾ سور، ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي ۽ صدمي

جي اصل نشانين مثال طور: ڏکڻي، ڊپريشن جو شڪار ٿيڻ يا پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ نه رهڻ جهڙيون ڪيفيتون محسوس ڪندا آهن. خاص ڪري ٻارن جو اسڪول ۾ ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڏکيائيءَ کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. ماڻهن ۾ تمام گهڻو ٻڌتر ۽ فڪرمندي ڏٺي وڃي ٿي ته ڇا هڪ ٻيو زلزلو يا آفت ايندي؟ ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ته زنده بچي ويل اداسي ۽ مايوسي محسوس ڪن ٿا.

## شرڪت گاه امدادي شيون ورهائڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو خيال رکيو هو.

- اهڙا ماڻهو جن جا گهر مڪمل طور تباه ٿي ويا هئا (پر اهي ماڻهو جن جي گهرن کي جزوي طور نقصان رسيو هجي اهي به ڪجهه شيون حاصل ڪري سگهن ٿا.)
- بيواه عورتون.
- اهڙا خاندان جن ۾ ڪمائڻ وارا فرد نه رهيا هجن.
- پيرسن ماڻهو ۽ ٻارن وارا خاندان.

مايوس ٿي هِتي هُتي ويهي رهڻ ۽ گهٽي کان گهٽيون امدادي شيون حاصل ڪرڻ، زلزلي واري علائقي ۾ ڪم ڪندڙ امدادي ڪارڪنن ۾ئي رويا نوٽ ڪيا البته هي ٻڌائڻ به ضروري آهي ته زلزلي جي افسوس ناڪ واقعن جي باوجود، ڪيترائي متاثر پرامید رهيا، امدادي ڪارڪنن ۽ تنظيمن سان انهن تمام گهڻو سهڪار ڪيو ۽ پاڻ مقامي ماڻهن کي اميد ڏياري ۽ سندن همت افزائي ڪئي. اهڙن پراميد ماڻهن امدادي ڪارڪنن ۾ به اميد پيدا ڪئي جيڪي هن وقت پاڻ پنهنجي حالت سڌارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا.



Shirkat Gah

شرکت گاہ
ویمنز ریسورس سینٹر


لاہور: pubs@sgah.org.pk, sgah@sgah.org.pk
کراچی: shirkat@cyber.net.pk
پشاور: sgpesh@psh.paknet.com.pk
www.shirkatgah.org



خواتین زیرِ اثر مسلم قوانین
**Women living under muslim laws**
**النساء في ظل قوانين المسلمين**
**Femmes sous lois musulmanes**